# همسفر




books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# همسفر

امرتا پريتم

سنڌيڪار: لڇمڻ ساڃي

قيمت -/6 روپيه

رابيل پبليڪيشن پوسٽ باڪس 61
لاڙڪاڻو سنڌ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعداد : هڪ هزار

سال : ۱۹۸۲ع

ڇپيندڙ: نيرنگ آرٽ پرنٽرس ريشم گلي حيدرآباد

ڇپائيندڙ: نظام عباسي رابيل پبليڪيشن لاڙڪاڻو

ڪيليگرافي: عابد انڙ

ڪور ڇپائي: جمال پروسس ڪراچي

قيمت: ٦ روپيا

soorihsindhiadab

سنڌي ادب ۾ ناول تمام گهٽ لکيا ۽ ڇپيا آهن
ان ضرورت کي محسوس ڪندي اسين اها ڪوشش
ڪري رهيا آهيون تہ سنڌي ۾ سٺا سٺا ناول ڇپرائي
پڌرو ڪجن

رابيل پبليڪيشن جا وسيلا ايترا وسيع ڪونہ آهن
جو جلد از جلد ڪتاب ڇپايا وڃن پر تنهن هوندي بہ
ڪوشش جيڪا ٿي سگهي ٿي ڪريون پيا. اوهان جو
تعاون رهيو تہ اڳتي بہ هلندا رهنداسين.

سنڌي ڪتابن جو وڪرو اڳ بہ مسئلو هيو ۽
هاڻي بہ ۽ هينئر تہ سنڌي ڪتابن جي وڪري تي بہ
فرق پيو آهي ڪوبہ سنڌي ڪتاب هزار ڪاپين کان
مٿي نہ ٿو ملي ان تي سوچ ويچار ڪرڻ کپي.

—نظام عباسي

رابيل پبليڪيشن جو ائنڊر ڪتاب

مشهور ڪهاڻيڪار

## ڪرشن چندر

جي ڪهاڻين جو مجموعو

# مان انتظار ڪندس

soorihsindhiadab

قيمت ١٠ روپيا

ڇپرائيندڙ:-
رابيل پبليڪيشن پوسٽ باڪس 61، لاڙڪاڻو سنڌ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سورج جا ڪرڻا ۽ بادلن جا ڪجهه ٽڪرا اچي پاڻ ۾ ٽڪريا هئا. ڪامنيءَ گرم چادر کي پنهنجي بدن مٿان وجهندي مٿي آسمان طرف نهاريو. روز جيتري دير به سورج اپريل هوندو هو، ڪامنيءَ جو من وندريل رهندو هو.... پوءِ جڏهن ڏرتيءَ تي رات جو پهريون پاڇو پوندو هو ته هوءَ اداس ٿي ويندي هئي.

اڄ سورج طرف نهاريندي ڪيس گذريل ڏينهن ياد اچڻ لڳا هئا.... هن جي زندگيءَ جا اهي ڏينهن هڪ ئي وٽ وهنديءَ گذريا هئا. بزار جي پير ۾ هڪ گهٽي هئي، گهٽيءَ جي پهرئين مڪان ۾ ئي ڪامني رهندي هئي. هن مڪان ۾ هڪ دري اها به هئي جيڪا گهٽيءَ بدران بزار طرف کلندي هئي. هوءَ ننڍڙي هئي، تڏهن ئي سنديس ماءُ گذر ڪري وئي. سندس پيءُ ڪنهن ڪاليج ۾ پڙهائيندو هو. ڪامني جڏهن اسڪول مان واپس ايندي هئي ته گهر ۾ ٻيو نوڪرياڻيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪير به نه هوندو هو. چانهه جو پيالو ٻي هوءَ دريءَ وٽ اچي وهندي هئي...

مڪان ٽماڙ وارو هو. ٽماڙ دريءَ وٽ وهندي، بزار مان ايندڙ ويندڙ شخص ڪيس ڪافي پرڀان لڳندا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوءَ دريءَ وٽ وهندي وهندي هڪ درشڪ ماڻ، پاتر بڻجي ويئي هئي. اتي ڪيس انهن شخصن جي تلاش هوندي هئي جيڪي ڪنهن نظم ۾ هوندا آهن، ڪهاڻين ۾ هوندا آهن، يا سندس پتا جي ان ڊائريءَ ۾ هوندا آهن، جيڪا هو هر رات لڪي ڇپي لکندو آهي....

جوانيءَ جي ڏينهن ۾ سندس پيءُ کي ڪنهن اهڙيءَ عورت سان .محبت ٿي ويئي هئي جيڪا سماج جي نظرن ۾ ڪنواري نه هوندي آهي. ڪجهه سالن بعد ان عورت جي هٿن سان سيهندي لاٿي وئي هئي. وڏوا عورت کي ڪامنيءَ جي پيءُ اپنايو پر سماج.... آخر هوءَ مري ويئي ۽ پنهنجيءَ ياد ۾ ڪيس هڪ گل ڏيئي ويئي.... ڪامني، پنهنجي محبوب جي جهوليءَ ۾ اهو گل وجهي هوءَ هلي ويئي. پتا ڪامنيءَ کي لاڏ ڪوڏ ۽ محبت سان پاليو، پڙهايو.... پر ڪيس ڪجهه به نه ٻڌايو هو.... ڪڏهن ڪڏهن محبوبا وٽان مليل گل کي سنگهندي سنگهندي هو اداس بڻجي ويندو هو. تڏهن رات جو لڪي ڇپي ڊائري لکندو هو. ڪامني اها ڊائري هڪ ڏينهن پڙهي به ورتي هئي ۽ پڙهندي پڙهندي، انهن شخصن جا چهرا ڏسي ورتا هئا جيڪي ڪيس پنهنجي هم عمر وارن ۾ ڏسڻ ۾ نٿي آيا. تڏهن سندس دل ۾ هڪ گل اڀريو هو.... ”تلاش جو گل.“

هڪ ڏينهن هن سنيل کي ڏٺو.... سنيل جو چهرو، ڪيس ان چپ چاپ چهري وانگر لڳو، جنهن جو ڪيس، مدت کان انتظار هجي ۽ سندس دل ۾ وسيل هجي. خبر ناهي، اها خوشبوءِ سنيل جي چهري جي هئي يا سندس دل ۾ ٽڙيل گل جي.... ڪيس اها خوشبوءِ اچڻ لڳي هئي ۽ ائين سندس دل ۾ هڪ ٻيو به گل ايرڻ لڳو هو.... ”انتظار جو گل“.

هوءَ دريءَ وٽ ويهي سنيل جو انتظار ڪندي هئي. هو ڪڏهن ڪڏهن ڪامنيءَ جي گهر به ايندو هو. ڪڏهن ڪو ڪتاب کڻي ڏيئي ويندو هو. پر هميشه شانت هوندو هو. ڪافي گهڻن ڏينهن بعد هن صرف ايترو ئي ڪري سگهيو جو ڪامنيءَ کي پنهنجي پاڪر ۾ پيري سنديس چپ چميا هئائين ۽ ٻوهه خبر ناهي خالي خالي يا ڀريل ڀريل اکين سان ڪامنيءَ جي چهري کي ڏسندي ڏسندو هليو ويو هو.

گل رنگ بدلڻ لڳا هئا.... روپ بدلڻ لڳا هئا....

ڪامنيءَ محسوس ڪيو ته هن جي دل ۾ جيڪو انتظار جو گل ايريو آهي سو بدلجي اميد جو گل بڻجي پيو آهي. ڪاليج جي پڙهائي ختم ٿي چڪي هئي. سنيل ڪنهن سرڪاري آفيس ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو هاڻ هو وچ وچ ۾ ڪامنيءَ سان ملڻ ايندو هو ۽ جڏهن به ڪامنيءَ کي پاڪر ۾ پيري سنديس چپ چمندو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو ته ڪامنيءَ کي ائين لڳندو هو ڄڻ شانت مڪ واري سنيل جو ڄڻ ڏي سندس لفظ آهن.

هڪ ڏينهن اچانڪ سنيل اهو شهر ڇڏي هليو ويو. چار - پنج خط ڪامنيءَ جي ڪُٽمپ لاءِ سندس دولت هئا ۽ آخر ۾ هن لاءِ خاموشيءَ جو اهو لنبو خط وڃي بچيو جنهن ۾ هوءِ لفظ پنهنجا پريندي هئي.... تڏهن ڪامنيءَ محسوس ڪيو ته اهو اميد واروگل هاڻ 'سوچ جو گل' بڻجي ويو آهي.

'سوچ جو گل' سورج جي ڪرڻن ۾ ايترو ڪانه ايرندو هو. جيترو رات جي اونده ۾ ٽڙندو هو. رات جو روز هوءَ ان گل کي سنگهندي هئي. گل جون پنکڙيون، بيحد ٿڌيون هيون ۽ جڏهن ڏي رات جو پهريون پهر چالو ٿي ويندو هو ته ڪامنيءَ جي جسم ۾ ان گل جي پنکڙين کي سنگهڻ سان ڏڪڻي چالو ٿي ويندي هئي....

هاڻ ڪامني ۽ سندس پيتا پراڻي دهليءَ ۾ ٽماڙ مڪان ۾ ڪونه رهندا هئا. ڪامنيءَ جي پيتا شهر کان ڪينراڻي ميل پري، جتي دهليءَ ۽ پنجاب جي سرحد هئي ڪجهه زمين خريد ڪري ننڍڙا ننڍڙا ڪمرا ٺهرايا هئا ۽ باقي زمين ۾ باغ پوکائي ڇڏيو هو. هاڻ هو ڪاليج ۾ ڪونه پڙهائيندو هو ۾ ڪتابن جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻڪارين ڪي روٽي ڪارائڻ ۾ ان ڏان ۾ شامل هو.

ڪامني جڏهن واپس آئي ته ڊرائيور سامهون واريءَ هوٽل ۾ چانهه پي ويٺو هو. ڪامنيءَ کي ايندو ڏسي هو يڪدم ڪار وٽ هلي آيو. ڪار جي چابي هن جي هٿ ۾ هئي. هو دروازو کولي ئي رهيو هو ته هڪ ٻار ڊوڙندو ڊوڙندو آيو ۽ ڊرائيور جي هٿ مان ٽڪرايو. ڊرائيور جي هٿن مان چابي ڪري وئي هيٺ پيئي.

”پڪڙيو... پڪڙيو...“ ٻڪارين جي هجوم مان آواز آيو ۽ پوءِ اهڙا ٻيا به آواز آيا.

ڊرائيور جڏهن چابي کڻڻ لاءِ هيٺ جهڪيو ته ڪامنيءَ ڏٺو، ساڳيو ٻار اڃا تائين اتي ئي بيٺو آهي. هو پنهنجن هٿن مان ڪريل روٽيءَ ۽ ڀاڄيءَ طرف ڏسي رهيو هو جيڪي ڪار جي پرسان ڪريا پيا هئا.

ٻار هڪ وار ڪامنيءَ طرف ڏٺو ۽ پوءِ اکيون چورائي ڪار جي ڦيٿي وٽ پيل روٽين ۽ ڀاڄيءَ کي تڪڻ لڳو.

ٻڪارين مان ٻه ٽي ڊوڙندا ٻار وٽ هليا آيا.

”ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ ڪامنيءَ انهن کان پڇيو.

هنن چيو، ”خبر ناهي، هڪ ڇوڪرو ڀڄندو ڀڄندو اندر جماعت وٽ آيو ۽ سندس روٽيون ۽ ڀاڄي کڻي ڀڄي هليو ويو .... هيڏانهن ئي آيو هو .... شايد ٻيو

ڪيڏانهن پڇي ويو...“ ۽ پوءِ ان ٻار جي خالي هٿن کي ڏسندي واپس هليا ويا. ڪامنيءَ ڪار جي پرسان اچي بيٺي هئي جو ڦيٿي وٽ ڪريل روٽي ۽ ڀاڄي نظر نٿي آيا.

ڪامنيءَ ٻار جي ڇهري ۽ ڪپڙن طرف ڏٺو. ڪپڙا بلڪل معمولي هئا ۽ ڇهرو ڪوهيل ڪوهيل. تنهن هوندي به هو ڪنهن فقير جو ٻار نٿي لڳو.

”تنهنجو نالو ڇا آهي، پٽ؟“

”هريش.“

”تو انڌي فقير جي روٽي ڇو کنئي؟“

”ڇاڪاڻ ته هو ڏسي نٿو سگهي ۽ مونکي پڪڙي نٿو سگهي.“

”پر اهي روٽيون ته فقير لاءِ آهن.“

”مون کي ڏاڍي بک لڳي هئي....“

”تو اڄ ڏي ائين ڪيو آهي يا اڳ به ڪيو اٿئي؟“

”مون کي جڏهن به گهر ۾ روٽي نه ملندي آهي ته گهٽيءَ جي هن ڪنڊ وٽ جيڪو انڌو فقير ويهندو آهي، ان جي روٽي کڻي ڀڄي ويندو آهيان.“

ڪامنيءَ ڪار ۾ ويهندي ٻار کي اندر وهڻ جو اشارو ڪيو.

”توهان مون کي پوليس واري وٽ وٺي هلندا....“ ٻار ڊڄندي ڪامنيءَ طرف ڏٺو ۽ پوءِ سامهون گهٽيءَ

طرف ائين نهارڻ لڳو ڄڻ پڇڻ لاءِ وجهه ڳولي رهيو هو.

ڪامنيءَ ٻار کي ٻانهن کان پڪڙيندي چيو، ”نه ماٺ توکي پوليس وٽ نه وٺي هلنديس پر توکي روٽي ڏينديس، کائڻ لاءِ.“

ٻار کي شايد وشواس نہ آيو پر چاڪاڻ تہ ڪامنيءَ کيس ٻانهن کان پڪڙي رکيو هو، لاچار ٿي ڪار ۾ ويهي رهيو هو. ڪار جڏهن اڳتي وڌي تہ ڪامنيءَ کيس چيو....

”هريش؟“

”جي.“

”تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟“

”ڏائي طرف. اڪيلي گهٽيءَ ۾.“

”هتي! دريا ڪنج ۾ ئي؟“

”ها.“

”تنهنجا ماءُ پيءُ جيئرا آهن؟“

”منهنجو پيءُ بئنڪ ۾ نوڪري ڪندو آهي.“

”۽ ماءُ؟“

”ماءُ تہ آهي، پر هوءَ منهنجي ماءُ نہ آهي. منهنجي سڳي ماءُ مري چڪي آهي.“

”پر هو توکي روٽي ڇو نہ ڏيندا آهن؟“

هو مون کي خرچ ڪرڻ لاءِ بہ ڪجهہ نہ ڏيندا آهن....

پر ماٺ ڪڏهن ڪڏهن پتاجيءَ جي ڪوٽ مان پيسا

soorihsindhiadab

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چورائيندو آهيان ۽ جيڪڏهن کيس ان ڳالهه جي خبر پئجي ويندي آهي ته مون کي خوب ماريندو آهي.... ۽ پوءِ ڪيترائي ڏينهن مون کي روٽي به نه ڏيندو آهي...."

"تون اسڪول ويندو آهين؟"

"ويندو آهيان، پر ڪڏهن ڪڏهن."

"ڇو، روز ڇو نه ويندو آهين؟"

"مون کي پڙهڻ نٿو وڻي. لکڻ لاءِ ڪاپيون به نه هونديون آهن. ماستر به روز ماريندو آهي."

دهلي گيٽ تي پهچندي ڪامنيءَ ڊرائيور کي گاڏي روڪڻ لاءِ چيو. رستي جي ڪناري وٽ هڪ گاڏي وارو ڪلچا ۽ چولا وڪڻي رهيو هو. ڪامنيءَ هڪ رپيو هريش کي ڏيندي چيو، "هي رپيو وٺ سامهون گاڏي واري کان ڪلچا ۽ چولا کائي گهر هليو وڃ."

"توهان بيهجو." هن ڪار مان ٻاهر نڪرندي چيو.

"ڇو؟"

"مان صرف ٻه ڪلچا کائيندس.... باقي پئسا توهان کي ڏيڻا آهن نه....؟"

"باقي پئسا؟" ڪامنيءَ هريش جي چهري طرف ڏٺو. کيس لڳو ته هريش جو چهرو ڪجهه منٽن ۾ ئي اهو چهرو نه رهيو هو جيڪو انڌي ڀڪاريءَ جي روٽي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٿي پهچڻ وقت وارو هو. ڪامنيءَ ڪيس پاپوه وچان چيو، ”باقي پئسا توهان ئي ڪٽجانءِ... ۽ ها جيڪڏهن منهنجي دل رکڻ چاهين ته اسڪول روز ويندو ڪج“ ائين چئي ڊرائيور کي ڪار هلائڻ جو اشارو ڏنائين.

شهر ۾ اسڪولن جي ڪمي هميشه کٽڪندي رهندي آهي. نيون داخلائون شروع ٿينديون آهن ته مائٽن لاءِ چڻ چنتائون وڏي وينديون آهن. ان وقت واقفيت ۽ سفارش ئي ڪم ايندي هئي ۽ باقي مائٽ پيچ ڊوڙ ۾ ئي ٿڪجي پوندا آهن ائين جنهن شاگرد کي انجنيئر بڻائڻو هوندو آهي، لاچار کيس آرٽس اسڪول ۾، ۽ جنهن کي آرٽس اسڪول ۾ پڙهڻو هوندو آهي ته لاچار کيس سڻنا ۾ ڀرتي ڪرائي اڇڻو پوندو آهي....

هڪ نئين اسڪول جي بلڊنگ ٺهي چڪي هئي جنهن جو اڄ مهورت هو، گهڻائي فوٽوگرافر، رپورٽر اڳي اچي پهتا هئا. ڪامني به آئي هئي. هيءَ اسڪول شهر جي نئينءَ آبادي ۾ هو. سڀ سڙڪ ڪارن ۽ اسڪوٽرن سان ڀريل هئي. ڪامني ٿورو دير سان پهتي. ڪار بيهارڻ لاءِ جڳهه ڳولي ۽ پوءِ اسڪول جي بلڊنگ اندر داخل ٿي ويئي.

اسڪول جو مهورت ٿي ويو ته هوءَ پنهنجي ڪار

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طرف آئي. اتي هن ڏٺو ته هڪ شخص ڪار جي پرسان پيل پٿر تي بيحد اداس ٿيو ويٺو آهي. الائجي ڇو ڪامنيءَ کان رهيو نه ويو. هن هڪ ٻه دفعو هن ڏانهن ڏٺو.... هن جو چهرو به لٿل هو. ڪامنيءَ کانئس پڇيو....

”ڇو سردار جي، ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”ڪجهه نه، ڀينجي.“

ڪجهه نه ته هن ڇيو پر ڳڏوڳڏ کانئس هڪ ٿڌو ساهه به کڄي ويو ۽ يڪايڪ سامهون ڪنڊ واريءَ جڳهه ڪي اکين ڏسڻ لڳو جڇ ڏسڻ پٺي ڇاهياڻين ته سندس ٿڌي شوڪاري سان ان جڳهه جي ڪا به سُر ڏڏي آهي يا نه!

”ڪجهه ڳالهه نه ضرور آهي.“

”ڀينجي هي سامهون گهر ڏسو ٿا ٻه مون ان ۾ بجليءَ جو ڪم ڪيو آهي. هيءُ هڪ ٺاٺيدار جو گهر آهي. پهرين ڏاڍي محبت سان پيش آيو هو مون سندس بجليءَ جو ٺيڪو ڪنيو. ڪم ختم ٿيڻ تائين تمام ٺورا پئسا به ڏيندو رهيو.... جڏهن ڪٽي ڪي روڻيءَ جو ٽڪرو ڏنو آهي.... جيئن تيئن هن جو ڪم ختم ڪيم. اڄ تائين ٽال مٽول ڪندو رهيو آهي. جنهن پٿر جو ڪم ڪنيو هوس ان کي مار ڏيئي ڪيڍي ڇڏيائين. جنهن لڪڙيءَ جو ڪم ڪنيو هو ان کي گاريون ڏيئي ڪيڍي ڇڏيائين. مون کي به ڇوائين، سردارجي بيچ هتان ۽ وري شڪل نه

نہ سگھي. ڀاسي وارن .ان خبر پيئي تہ هيءَ ماڻ چوڪري جي مائيلي ماڻ آهي ۽ ڪيس پنهنجا ٻہ ٻار بہ آهن. پوليس کي شڪ جاڳيو پر هو تيستائين ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيا جيستائين پاٺ صاحب ختم نہ ٿيو هو. آخر پاٺ صاحب ختم ٿيو. پوليس ان ڪمري جي تلاشي ورتي. جنهن فرش تي صندل وڇائي ٻارنهن ڏينهن تائين ڪتا ۽ پلٽ صاحب رکيل هو، ان فرش جو رنگ ٻئي فرش کان نرالو هو. پوليس کي سنديهہ ٿيو ۽ فرش کي کوٽايو ويو.... اندر ٻار دفنايل هو.... ان فرش کي پوليس جي نظرن کان بچائڻ لاءِ مٿان صندل وڇهي پاٺ صاحب ۽ ڪتا جو ڍونگ رچايو ويو هو.

پوليس مائيلي ماڻ کي يڪدم پڪڙي حوالات ۾ وڌو آهي. پوليس جو چوڻ آهي تہ هن ان ٻار جو خون ان ڪري ڪيو، جئن هو ملڪيت جو وارث نہ بڻجي ۽ پتا پنهنجيءَ ٻيءَ پتني کي بچائڻ لاءِ لاش کي لڪائڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

ڪامني پڙهندي پڙهندي سراپجي ويئي. هي اهو ٻار هو جيڪو ڪيس دريا گنج ۾ انڌي فقير جي روئي ڪئي پڇندي پڇندي مليو هو. ڪامنيءَ جي اکيان اهو ٻار نماڻي صورت ۾ اچي بيٺو.

ٽيليفون جي گهنٽي وڳي.

”ڪڏ آءٌ اسپيڪ ٿو مسٽر بلراج، دي آرٽسٽ؟“

”اسپيڪنگ.“

”مسٽر بلراج، مان ڪامني ڳالهائي رهي آهيان دهلي ’ٽائيمس‘ جي آفيس مان.“

”چئو.“

”اسان جي اخبار ۾ هر هفتي هڪ ڪالم ڇپجندو آهي، ’دهليءَ جون گهٽيون‘ توهان پڙهيو هوندو؟“

”ها.“

”مان ئي اهو ڪالم لکندي آهيان. ان سلسلي ۾ ئي توهان سان ملڻ چاهيان ٿي.“

”توهان جڏهن به چاهيو، اچي سگهو ٿا.“

”اڄ ئي. جيڪڏهن توهان وٽ وقت هجي ته؟“

”ڪهڙي وقت؟“

”مان هينئر ئي اچي سگهان ٿي.“

”ٺيڪ آهي. مان اڄ ڇهين پنجين بجي ٽائين اسٽوڊيو ۾ ئي هوندس.“

”هاڻ ته ٻه وڳا آهن. مون کي پهچڻ ۾ صرف ڏهه پندرهن منٽ مس لڳندا.“

”ٺيڪ آهي.“

ٽيليفون جو رسيور هيٺ رکندي بلراج هڪ نظر پنهنجي اسٽوڊيو مٿان وڌي. ميز تي ڪاغذ ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. هن انهن ڪاغذن کي ٺاهي رکيو. اڄ صبح کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي هن ڪمري جون دريون ۽ درڪوليون هيون. دريون ۽ پردا کولي، سگريٽ دکائي ڪمري ۾ لڳل چترن جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو......

ڪمري جو دروازو کڙڪيو.

”مان ڪامني آهيان. ڏهه منٽ اڳ مون توهان کي فون ڪيو هو....“ ڪامنيءَ دروازي جي چائنٺ وٽ ايندي چيو ۽ پوءِ اندر هلي آئي.

بلراج ڪيس وهڻ لاءِ ڪرسي اڳيان وڌائي پر هوءَ بيٺي ئي رهي ۽ ڪمري ۾ ٽنگيل تصويرن کي ڏسڻ لڳي.

”هنن تصويرن کان سواءِ توهان وٽ ٻيون به ڪي تصويرون هونديون؟“

”گهڻيئي آهن. پر سڀ منهنجي پسنديءَ جون نه آهن.“

”هنن مان توهان کي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙو چتر پسند آهي؟“

”هيءَ ڳاڙهن ڪپڙن واريءَ ڇوڪريءَ وارو چتر.“ ڪامنيءَ ڪئميرا ڪڍي ان چتر جو فوٽو ڪڍي ورتو.

”توهان ڪڏهن پنهنجو چتر ٺاهيو آهي؟ يعني سيلف پورٽريٽ؟“

”نه.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مان توهان جو فوٽو ڪڍي سگهان ٿي.“

”بيشڪ.“

ڪامنيءَ بلراج جو هڪ فوٽو ڪڍيو ۽ ڪئميرا کي بند ڪندي چوائين، ”مان توهان جو وڌيڪ وقت ڪانه وٺنديس. مان سمجهان ٿي ته پرينهينءَ سنڌي ايڊيشن ۾ هنن تصويرن کي استعمال ڪري سگهنديس. مهرباني.“

هوءَ هلي ويئي. بلراج کي هيءَ ملاقات بلڪل مختصر لڳي. سنڌس خيال هو ته ڪامني سنڌس ۽ سنڌس آرٽ جي باري ۾ گهڻا سوال ڪندي. پر هن اهڙو ڪوبه نه ڪيو. بلراج سوچڻ لڳو.... ڪامني پنهنجي ڪالم ۾ آخر ڇا لکندي....؟

مشهوريءَ جو خيال بلراج کي ڪڏهن به نه آيو هو. هو پوري جوش ۽ محنت سان ڪيترن سالن کان اهو ڪم ڪري رهيو هو. اڄ ڪيس حيراني صرف اها هئي ته ڪامنيءَ سنڌس هنر بابت ڪجهه به نه پڇيو آهي. صرف هڪ چتر جي ڇپڻ سان ڇا ڪلاڪار ۽ سنڌس ڪلا جي واقفيت ڪافي آهي؟

آرتوار ڏينهن هن جڏهن اخبار ڏٺي ته سنڌس نظر هڪ جڳهه تي اٽڪي بيهي رهي ’لائين جو اقرار‘ بلراج ان سري واري ليک کي پڙهيو. لکيل هو.... ٿي سگهي ٿو ته ڪئميرا ماڻهوءَ جي جسم جي ڪنهن

حصي سان انصاف نه ڪري سگهي پر بلراج جي هٿن واري برش ڪڏهن به ڪنهن ماڻهوءَ سان بي انصافي نه ڪئي آهي؛

بلراج هڪ دفعو اخبار تان نظر هٽائي، دل جي روشنيءَ ڪامنيءَ جي چپ چاپ ڇهري ڪي ڏٺو.... ڪيس لڳو، ڪامنيءَ جون اکيون جهڙي ڪجهه به ڏسي رهيون هيون اصل ۾ سندر نظر کان ڪيترو ئي وڌيڪ آهن. هن وري اخبار پڙهڻ شروع ڪئي.... چترڪار عورت کي گهٽ ئي نقطه نظرن کان ڏٺو آهي.... دروازي وٽ بيٺل عورت کي.... گاڻ جي ہوٽن وٽ بيٺل عورت کي.... آئيني وٽ عورت کي.... هوا ۾ اڏامندڙ زلفن کي سنڀاليندڙ عورت کي.... انگن جي سڊول بناوت به ايتري ته صاف ۽ سهڻي اٿس جو ڪڏهن پرماتما جي ٺهيل جيو جي بناوت به غلط لڳندي آهي.

بلراج مسڪرائيندي سوچيو، هيءَ چپ چاپ مک واري ڪامني ته چست ليڪا نڪتي. ڪيس پنهنجي دل ۾ بي چيني محسوس ٿيڻ لڳي. اخبار بند ڪري، ڪپڙا بدلائي هو اسٽوڊيو هليو ويو.

اسٽوڊيو ۾ اچي الماڙي کولي هن ڪيترائي اڌورا چتر ٻاهر ڪڍيا. ان الماڙيءَ ۾ قسمين قسمين جون سازهيون ۽ وستر وغيره به هئا، جهڪي به ضرورت مطابق

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مادل کي پهرائي چتر ڪيندو هو. الماڙي ۾ آئينو به لڳل هو. هن ان ۾ پاڻ کي ڏٺو. تڏهن هن محسوس ڪيو ته ڪيرڪانٽس پڇي رهيو آهي، "توهان ڪڏهن پنهنجو چتر ڊاهيو آهي؟ يعني سيلف پورٽريٽ؟"

ڪاغذ ۽ پينسل کڻي هن چتر ڪيڻ شروع ڪيو....

اسٽوڊيو جو دروازو کڙڪيو. بلراج کي عجب لڳو ته آرآتوار ڏينهن ڪير آهي؟ هن دروازو کوليو. ٻاهر مينڪا بيٺي هئي.... هن جي مادل.

"اڄ آرتوار ڏينهن؟"

"مان پهرين ته توهان جي گهر ويس. اتي توهان نه هئا. سوچيم، ضرور هيڏانهن آيا هوندا."

هوءَ اندر هلي آئي. بلراج جو هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهليندي چيائين، "واڌايون ڏيڻ آئي آهيان."

"ڇا جون؟"

"توهان اخبار ڏٺي آهي. ٽائيمس جي سنڊي ايڊيشن؟"

مينڪا گلندي گلندي صوفا تي ويهي رهي. هن پرس مان ويڙهيل اخبار جو پنو ٻاهر ڪيندي چيو، "وئي ول سيليبريٽ دي ڊي."

بلراج اخبار جو پنو پنهنجن هٿن ۾ ورتو ۽ ان ۾ ڇپيل تصوير ڏسڻ لڳو. جيڪا ڪامنيءَ ڏيون ڏينهن ڪيئي هئي. فوٽو سٺو هو. چهري جا روش به تکا ۽ صاف هئا،

ڪيس ائين لڳو ڄڻ هيءَ تصوير هن جي هاڻ جي نه پر فنڊيشن جي تصوير آهي.

مينڪا ميز طرف ڏٺو. ميز جي بتي ٻري رهي هئي ڪيس لڳو، هو بلراج ڪافي دير ڪان ڪم ڪري رهيو آهي. هن اتي ميز تي رکيل ڪاغذ کڻي ڏٺو ۽ پوءِ هٿ ۾ ڪٺندي چيائين، "هاريبل!"

"ڇا؟ بلراج عجب وچان پڇيس.

"هيءَ تصوير ڪنهن جي آهي؟"

"سڃاڻي نٿي سگهين؟"

"سڃاڻان ٿي. توهان جي پنهنجي آهي، پر هيءَ ڪهڙي تصوير آهي؟ ڇهري ۾ ايتري ڪشمڪش؟"

"سيلف پورٽريٽ."

"پر اهو 'سيلف' آخر ڪهڙو سيلف آهي؟"

"........"

"مون هن کان اڳ ته ڪڏهن نه ڏٺو آهي."

"مون به نه ڏٺو هو."

"اڄ ڇا اهڙيون تصويرون ٺاهڻ جو ڏينهن آهي.... هنن اخبارن وارن ڇا تنهنجو انٽرويو ورتو هو؟"

"ها."

"ڪڏهن؟"

"ٽيون ڏينهن."

پر هنن هڪ ٻي تصوير ڇو ڇپي آهي؟ گهٽ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهٽ پنج ڇهه نه ڇپ ڪپنديون هئن.“
”ڇو؟“

”اها تصوير جنهن ۾ مان آئيني اڳيان ويهي ڪنگي ڪري رهي آهيان.... ۽ هوءَ تصوير جنهن ۾ هوا ۾ زلف اڏامي رهيا آهن.... ڊپٽو سنڀالي رهي آهيان.... ۽ هوءَ لعل قلعي ۾ پٿر جي ڄاريءَ وٽ ويهندي....“

”سيني تصويرن ۾ هڪ ئي ڳالهه آهي. هڪ ٻيا وڏيڪ چتر ڇپڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“

”سيني ۾ هڪڙي ئي ڳالهه آهي، ڪيئن؟“

مينڪا پنهنجي ڪڙتي جا بٽڻ کوليا ۽ اهو لاهيندي چيائين، ”اڄ پينٽ ڪندا؟“

”نه، اڄ نه.“

”تصوير به نه؟“

”نه.“

”نيوڊ؟“

”نه، اڄ نه.“

”چڱو، اڄ صرف سيليبريشن ڪريون.“

مينڪا لاٿل ڪڙتو پرسان ڪرسيءَ تي رکي ڇڏيو ۽ الماڙيءَ مان وهاڻو ڪڍي ديوان تي رکندي چيائين،

”بلراج توهان اڄا تائين ڪپڙا نه لاٿا آهن؟“

”نه موني! اڄ نه.“

”ڇو؟“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”منهنجي طبيعت ٺيڪ نه آهي.“

”اڄ اخبار ۾ پنهنجي تصوير ڏٺي به ن؟“

بلراج ڪو به جواب نه ڏنو. مينڪا حيران ٿي وڃان ڏانهس ڏٺو ۽ پوءِ پنهنجو ڪرتو پائيندي چيائين، ”مون کي ڪجهه پئسن جي ضرورت هئي.“

بلراج پتلون جي کيسي ۾ هٿ وجهي سمورا پئسا ڪڍندي چيو، ”هن وقت مون وٽ صرف پنجاه روپيه آهن. ڪم ٿي ويندءِ؟“

”ها.“ مينڪا جواب ڏنو ۽ پڇيائين، وري ڪڏهن اچان؟ مونکي منگل ڏينهن موڪل آهي. منگل جو ٿي هلي اچان يا هميشه وانگر ٻڌر ڏينهن شام جو ڪاليج مان موٽندي ٿي اچان؟“

”مان شايد.... هن هفتي دهلي وڃان.“

”مان ٽيليفون ڪري پڇي وٺنديس.“

”نه، مان توکي خود ٿي نياپو موڪليندس.“

مينڪا هلي ويئي.

دروازو بند ڪري، بلراج الماڙي کولي تصويرون ۽ نگيٽو ٻاهر ڪڍيا. هن انهن تصويرن کي الڳ رکيو جيڪي مينڪا جون هيون، ان جا نگيٽو به الڳ رکيائين. ڪجهه چتر ساڌارڻ هئا ۽ ڪجهه بلڪل ننگا. بلراج مينڪا وارا چتر ۽ نگيٽو هڪ لوهه جي ڏٻي ۾ رکي جلائي ڇڏيا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر ڪوئي پنهنجيءَ ڪلپنا جو خود مالڪ هوندو آهي.
بلراج اخبار هڪ طرف رکي، ڏڪندڙ هٿن سان ٽيليفون جو رسيور کڻي ڪامنيءَ جو نمبر ملايو.

”مان بلراج آهيان... آرٽسٽ! توهانکي ياد هوندو توهان هڪ دفعو....“

”مونکي ياد آهي!“

”ڪجهه منٽن لاءِ توهان سان گڏجڻ لاءِ اچي سگهان ٿو.“

”مان اڄ آفيس ۾ ڪانهِ آهيان. آرتوار آهي نه؟“

”مان آفيس ۾ نه پر توهان جي گهر....“

”گهر؟“ ڪامنيءَ جي آواز ۾ هڪ هٿي جيڪا بلراج چڱيءَ طرح محسوس ڪئي.

”مان صرف اوترا منٽ ئي رهندس جيترا منٽ توهان چاهيندا.“ بلراج چيو. هن جي آواز ۾ منٿ نه هئي، ضد به نه هو.... پر پختائي هئي.

”پر مان ته گهڻو پري رهندي آهيان.“

”مونکي خبر آهي، گرين فيلڊ ۾.“

”هيءَ توهان کان ڇوڏهن ميل پري آهي.“

”خبر آهي، دهليءَ ۽ پنجاب جي سرحد وٽ.“

”ٺيڪ آهي، هليا اچو. پتو نوٽ ڪيو. ٻه.... بلاڪ.“

ون ڊائريڪٽريءَ ۾ ان ائڊريس نوٽ ڪئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دفعا ٻه ان ڏانهن ڏسندو آهي ته اونرا دفعا ڪيس ڏسڻ جو من ٿيندو آهي.

باغيچي جي هڪ ڪنڊ ۾ ٻه ڪرسيون پيئون هيون. ٻه ئي اتي ويهي رهيا.

"گذريل ڏينهن ۾ مون ڪي ڪارٽون ٺاهيا آهن، جيڪي توهان کي ڏيکارڻ چاهيان ٿو."

"ڪارٽون؟"

"مون ڪيترن ڏينهن کان ڪوبه چتر نه چٽيو آهي."

"ڇو؟"

"مان سوچيان ٿو ته پورٽريٽ صرف زندگيءَ جو ئي ڏاهڻ گهرجي." هن فائيل ڪامنيءَ کي ڏيئي ڇڏيو.

ڪامنيءَ فائيل کوليو. بلراج چيو، "هي ڪارٽون توهان کي ان لاءِ ڏيکارڻ ڪونه آندو آهيان ته توهان هنن جو ذڪر پنهنجيءَ اخبار ۾ ڪريو."

ڪامنيءَ فائيل تان ڏيان هٽائي بلراج جي چهري طرف ڏٺو. پر چيائين ڪجهه ڪين! هوءَ صرف فائيل ڏسڻ لڳي....

ڪاغذن ۾ سڀني جي مٿان جيڪو ڪارٽون پيو هو، اهو لوڪ سڀا جي چونڊن ۾ لڙڻ وقت هڪ اميدوار جو هو. هو مئڪروفون اڳيان رکي چئي رهيو هو، "آءٌ هيٽ ڪرپشن" ۽ آس پاس بيٺل هجوم مان هڪ

شخص چئي رهيو هو، "ويٽ آ منٽ، ماءِ ڊيئرا يو-ول
فال ان لو وٿ اٽ."

ڪامنيءَ اهو ڪارٽون ڏٺو ۽ ور ور ڪري ڏسندي رهي.... پوءِ بلراج ڏانهن ڏسي وري ٻيو ڪارٽون ڏسڻ شروع ڪيو....

بلراج جو تازو نڪتل ڪارٽون ڏسندي ڪامنيءَ چيو، "مون کي ائين پيو لڳي، مان جنهن آرٽسٽ سان اسٽوڊيو ۾ ملي هئس، اهو بلراج بدلجي ٻيو ڪجهه ٿي ويو آهي."

"مهرباني. اڄ اهيئي لفظ ٻڌڻ لاءِ هت آيو هوس."
ڪامنيءَ جي هٿن مان فائيل وٺندي هن چيو.

"توهان چاهيو ته، توهان جو ڪو ڪارٽون اخبار ۾...."

"ناردن ايڪسپريس وارن منهنجا سڀ ڪارٽون خريد ڪيا آهن. ايندڙ هفتي کان مان باقاعدي ڪم به ڪندو رهندس." فائيل هٿ ۾ کڻي هو جڏهن اٿڻ لڳو، ته هڪ نظر سان وري ڪامنيءَ طرف ڏٺائين، "ڪامني! توهان چاهي ڪيترا سال به خاموشيءَ جو خط پڙهيو هجي، مان ڪو به دخل نه ڏيندس پر آخر ۾ جڏهن توهان ائين محسوس ڪريو ته هاڻ اهو خط پڙهڻ مشڪل آهي تڏهن مون کي ضرور ٻڌائجو. مان چاهيندس ته اهو خط مان پڙهان...."

"مطلب؟" ڪامنيءَ ڇرڪ ڀري بلراج طرف ڏٺو،

soorihsindhiadab

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"توهان خاموشيءَ جي خط جي اڄ جي ڪلا سان پيٽ ڪٽي هئي. توهان لکيو هو.... انهيءَ اکر پنهنجا ته ارٿ به پنهنجو هوندو آهي."

"مسٽر بلراج، توهان شايد ضرورت کان زياده گهرا ٿا پئو."

"نه، مون ائين ڪڏهن به نه سوچيو آهي؟"

"تڏهن ڇا سوچيو آهي، توهان؟"

"مون محسوس ڪيو آهي، توهان پنهنجيءَ گذريل زندگيءَ ۾ ڪنهن خط جو انتظار ڪيو آهي. اهو پڙهي سنڀالي سانڍي رکيو اٿو ۽ پوءِ ان کي خاموشيءَ جو خط ڇڻي پيٽ ڪٽي اٿو. توهان ان خط کي ڀيانڪ به چيو آهي ته مهان به. پر اهي ٻئي ڳالهيون گڏ توهان ڪٿي چيون! صرف تڏهن، جڏهن اهو درد ڪنهن ڀوڳيو هوندو پيڙا ڪنهن سٺي هوندي...."

ڪن پل لاءِ ڪامنيءَ کي محسوس ٿيو ته بلراج سندس دل جو حال پروڙي ورتو آهي.... سنديس چهري جا لڪل ڀاؤ به هن اڳيان پڌرا پئجي ويا آهن. هوءَ پنهنجين حيرانيءَ ڀريل اکين کي مٿي کڻڻ جو سهس به نه ڪري سگهي، ان ڪري اکيون جهڪائيندي ۽ مسڪرائيندي ٿي چيائين، "توهان جو خيال آهي ته اهو خط مون کي ڪنهن لکيو آهي؟"

"ڪنهن به لکيو هجي، مون ان بابت ڪڏهن به

نہ سوچيو آهي. مون صرف ائين چيو تہ جڏهن بہ توهان محسوس ڪريو تہ اهو خط وڏيڪ پڙهي نہ سگهندا تہ مون کي ضرور ٻڌائجو."

"توهان مون کي ڪهڙو خط پڙهڻ لاءِ ڏيندا؟"

"اهو مان تڏهن ٻڌائيندس، جڏهن تـوهان پهريون خط پڙهي پورو ڪري هڪ طرف رکي ڇڏيندا."

"فرض ڪريو تہ مان جيڪو خط پڙهي رهي آهيان اهو ڪڏهن بہ پاسيرو نہ رکان، پوءِ؟"

"پوءِ مان ڪڏهن بہ توهان کي پنهنجو خط ڪو، موڪليندس."

"آءِ لائيڪ دي انٽيٽيوڊ...."

بلراج اٿي وڃڻ لڳو. ڪامنيءَ جهيڻي آواز ۾ چيس "هڪ منٽ."

بلراج رڪجي ويو. ڪامني ڪجهہ ئـہ چئي ڪا گهڙي تہ بيٺي رهي ۽ پوءِ ڪمري ۾ اندر هلي ويئي.

بلراج باغيچي ۾ ڪرسيءَ وٽ بيٺو رهيو. هوءَ جڏهن واپس آئي تہ سندس هٿ ۾ هڪ ويڙهيل رومـال هو. هن اهو کوليو ۽ ان مان هڪ هار ڪڍيو. اهو هار گلن بجاءِ الاچين سان پوئيل هو.

"بلراج!"

"جي!"

"گهڻا سال اڳ، مون کي ڪنهن هيءُ هار ڏنو هو"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”هون“

”جنهن مرد هي هار ڏنو هو، ان کي وري ڪنهن بي ڇوڪريءَ ڏنو هو. پر هو ان ڇوڪريءَ کي پيار نہ ڪندو هو، ان ڪري هيءُ هار مون کي ڏيندي ڇيائين تہ هو مون کي پيار ڪندو آهي.“

”......“

”جنهن شخص هيءُ هار مون کي ڏنو، هڪ وڏو شاعر آهي. مون کي هن جو قدر آهي، پر مان کيس پيار نٿي ڪريان، انڪري اهو هار کيس واپس ڏنو هوم. پر هن نہ ورتو ۽ چيو هٿائين تہ اهو هار مان ان کي ڏيان جهن کي پيار ڪريان. مان ائين نٿي چوان تہ مون ڪنهن کي پيار نہ ڪيو آهي، پر مون کيس هيءَ هار نہ ڏنو هو.... ۽ جيڪڏهن ڏيان بہ ها تہ اها جڳهہ هن هار لاءِ صحي جڳهہ ڪانہ هئي. اڳتي هلي شايد اهو هار بہ ڪنهن کي ڏيڻو پوي ها!“

”ڪامني!“

”اج هيءَ هار مونوٽ آهي پر اصل ۾ هيءُ هار سڄي شهر ۾ گهمي رهيو آهي. هڪ شهر نہ، پر جدا جدا شهرن ۾ گهمي رهيو آهي.... محبت جي هيءَ بہ تقدير ٿيندي آهي....“

”آءِ انڊرسٽئنڊ“

”مان توهان کي صرف ايترو ٿي چوان ٿي تہ توهانجو

خط قيمتي خط آهي ۽ اهو خط مون کي يا ٻئي ڪنهن کي به پڙهڻ لاءِ نه ڏجو، جنهن کي اهڙي خط جو ڪوبه انتظار نه هجي."

"مون شروع ۾ ئي چيو آهي ته پنهنجو خط توهان کي تڏهن ڏيندس جڏهن پهريون خط پڙهي هڪ طرف رکندا."

"ها، توهان جيڪڏهن ائين نه چئو ها ته هار واري ڳالهه ڪڏاهن به نه ٻڌايان ها. هن کان اڳ ڪنهن کي به نه ٻڌائي اٿم."

"ٺيڪ آهي، مان انتظار ڪندس.... ۽ زور نه ڪندس." ائين چئي هو فائيل هٿ ۾ کڻي گيٽ کان ٻاهر هليو ويو.

ٻئي ڏينهن جڏهن ٿي ڪامني آفيس مان گهر آئي ته سنديس پتاجي کيس باغيچي ۾ مليو....

"اچي ويئينءَ، ڌيءَ؟"

"توهان اجا تائين ٻاهر ويٺا آهيو؟ ٿڌ لڳي ويندو ته؟"

"اندر ئي ويٺو هوس. هينئر ڌپ ته ٻاهر آيو آهيان."

ڪجهه ڏينهن کان پتا جي هٿ ۾ زخم ٿي پيو هو ۽ اهو شايد چمڙيءَ ۾ گهر ڪري ويو هو. اڄ اها پٽي به کولي ڇڏي هئائين. ڪامنيءَ سندس هٿ طرف


soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner

ڏسندي چيو، ”اڄ ڪجھ آرام اٿو. ڪئن؟“

”آرام ته ڪونهي پر.... اڄ هڪ عجيب ڳالھ ٿي آهي. ڪلاڪ ڪن اڳ هت هڪ ماڻهو آيو هو. تـو ڪنهن ڄڳير سنگھ، جو نالو ٻڌو آهي، ڇا؟“

”ڄڳير سنگھ؟“

”ڇني پيو ته وڏو شاعر آهيان.“

”هڪ ڏينهن منهنجي آفيس ۾ آيو هو. سندس ڪجھ شعر هئا. مون ڪي سمجھ ۾ نه آيا انڪري سندس انٽرويو به ڪانه ڇپي هئم.“

”اڄ هو توسان ٿي ملڻ آيو هو“

”ڪيس اڇڻو ٿي هو ته ٻهرين فون ڪري پڇڻ ڪپندو هوس.“

”هن فون ڪيو هو پر تون آفيس ۾ ڪانه هئين ءَ.“

”اڇا، پوءِ؟“

”هو ڪيترِي دير تنهنجي لاءِ ويٺو هـو، منهنجي هٿ واري پٽي ڏسندي چيائين، ’پٽي کولايو تـه ڏسان ڪهڙي بيماري آهي. ڏيءُ عجيب ماڻهو هـو، منهنجي پٽي کولي پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي وهندڙ روڳ کي پنهنجن چپن سان چمي ڇڏيائين.‘“

”پنهنجن چپن سان....؟“

”مان ته اصل گھبرائجي ويس. پر هو ڪلندو ڪلندو ٻئي اکيون بند ڪري چوڻ لڳو، ’بس هاڻي ڊڄڻ جي

ڪابہ ڳالھہ نہ آھي. ڱرو بابي ھيءَ زخم ٺيڪ ڪري ڇڏيندو ڇاڪاڻ تہ ھڪ ڱروءَ جي پٽ ان کي چوسيو آھي....“

ڪامني حيران ٿيڻ پيءُ طرف ڏسندي رھي. پتاجيءَ جي آواز ۾ حيراني ھئي، ”نہ ڄاڻ ڪير ھو.... پر ڳالھيون تہ ائين پئي ڪيائين ڄڻ ڪو پھتل فقير آھي....“

ڪامني اجا ٿائين واڻڙي ٻٽي ٻيٺي رھي.

”ھن جي دليري تہ ڏسو....“

”دليري.... مون کي تہ اوڪارا ٿا اچن....“

آرتوار جو ڏينھن ھو. اچانڪ ھڪ ڪار اچي گيٽ جي ٻاھران بيٺي. مالھيءَ اچي ٻڌايو تہ جگير سنگھہ جي نالي ڪو شخص ڪامنيءَ سان ملڻ ٿو چاھي.

ڪامنيءَ پنھنجي پتا طرف ۽ پتا ڌيءَ طرف ڏٺو. اٽڪل اڌ ڪلاڪ کن جگير سنگھہ ائين ئي ويٺو ڳالھيون ڪندو رھيو ۽ پوءِ ائين چئي ھليو ويو تہ ڪنھن ڏينھن پنھنجا شعر آڻي پڙھي ٻڌائيندو....

منگل جو ڏينھن ھو، ڪامني آفيس وڃڻ لاءِ بس اسٽاپ وٽ بيٺي ھئي. اچانڪ جگير سنگھہ جي ڪار اچي سندس سامھون بيٺي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”توهان آفيس ۾ وڃي رهيا آهيو؟“

”ها.“

”مون کي به ان طرف ڏي وڃڻو آهي، ڇٺو ته آفيس ۾ ڇڏيندو وڃانو....“

ڪامنيءَ جي دل ٿي ته انڪار ڪري. پر انڪار ڪرڻ جو ڪارڻ ڪو نه هو. هوءَ ڪار ۾ ويٺي. رستي ۾ هن ڪاٻه خاص ڳالهه نه ڪئي صرف اهو ڏي پئي ڏيکاريائين ته اڄ ڪلهه زمينن جا اگهه ڇوٽ چڙهي ويا آهن، نيون نيون فئڪٽريون به کلي رهيون آهن.

ڪامني آفيس ۾ آئي ته ڪيس ائين لڳو ڄڻ هوءَ اڄايو جڳير سنگهه سان وهندي گهٽ محسوس پيئي ڪري اصل ۾ هو بانولو ضرور آهي پر دل جو خراب نه آهي.

ائين چار پنج دفعا ڪيس بس اسٽاپ تي ملندو آفيس ۾ ڇڏي ايندو هو. پر وري ڪڏهن به پنهنجي شعر بابت ڪا ڳالهه ڪانه ڇٽي هٽائين.

هڪ ڏينهن هن ڪامنيءَ کي حڪماڻي نوع ۾ چيو، ’ڪيس هڪ ڪالمسٽ جي نوڪري نه ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ان نوڪريءَ ۾ عجيب عجيب ماڻهن سان پلئه اڙڪندو آهي‘ ۽ ائين سٺن خراب ماڻهن جون ڳالهيون ڪندي هن چيو، ’ته ڪرشن سنگهه نالي وارو هڪ شاعر به ڪافي ردي قسم جو ماڻهو آهي.

ان ڪان ڪيس سنڀالڻ گهرجي."

هڪ ڏينهن هو ڪيس ڪنهن ڪانفرنس ۾ گڏجي ويو. آفيس جي ڪار خراب ٿي ويئي هئي. ڪانفرنس ڪانپوءِ ڪامني ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي وڃڻ لڳي ته جڳير سنگهه ڪيس ان ۾ وڃڻ نه ڏنو ۽ چيو ته هو پنهنجيءَ ڪار ۾ ڪيس گهر ڇڏي ايندو. ڪامني ڪافي ٿڪل هئي هن اسٽال تان ئي چانهيون گهرائي پاڻ ۽ جڳير سنگهه کي ڏني. ۽ پوءِ پان واري دڪان تان پنهنجي لاءِ هڪ پان پڻ ورتو.

ان ڏينهن ئي ڪار ۾ ويٺي ويٺي جڳير سنگهه چيو هو، "توهان کي پان کائيندو ڏسي عجب لڳو اٿم.... شريف عورتون ڪڏهن به پان نه کائينديون آهن."

ڪامنيءَ جون پيرون تائجي ويئون. نرڙ ۾ گهنج وجهي هن جڳير سنگهه طرف ڏٺو. پر ڪيس ڪجهه به نه چيو. ان ڏينهن بعد هن هميشه ائين پئي چاهيو ته ڪيس وري ڪڏهن نه سندس ڪار ۾ وهڻ جو موقعو نه ملي. هن جي ڪار ۾ وهندي ڪيس پنهنجو ساهه گهٽيل گهٽيل لڳندو هو.

هڪ ڏينهن هو وري آيو........ سڌو ئي سڌو اچي ڪامنيءَ جي پيرن وٽ پنهنجي پڳڙي رکندي چيائين، "مهاراڻي، تون مونکي معاف ڪر."

ڪامني ايتري ته گهٻرائجي ويئي جو ڪيس ڪجهه

soorinsindhiadab

۾ سمجهه ۾ نه آيو. پوءِ هن ٻڌايو ته ڪالهه رات ڪيس هڪ سپنو آيو آهي ته ڪامني ڪانئس بيحد ناراض ٿي آهي ۽ جيڪڏهن هوءَ ناراض ٿي رهي ته سندس ستن سالن جو سڪيلڊو پٽ مري ويندو.”

ان ڳالهه کي نه ڪامني سمجهي سگهي ۽ نه ئي سندس پتا. پر ٻنهي کي هن ماڻهوءَ کان ڇڙ ڊپ ٿيڻ لڳو....

اڄ ڪامني بيحد ٿڪل هئي. ڪالهه پنجاب ۾ جليانوالا باغ جي جلسي تي ويئي هئي، ٿڪاوٽ هوندي به ان بابت ڪالم لکڻ ويهي رهي.

ماڻهي اڄ جي اخبار کڻي آيو هو. اخبار کوليندي ئي ڪامنيءَ جي نظر ناردن ايڪسپريس جي ان ڪنڊ مٿان وڃي پيئي جتي بلراج جو نهيل نئون ڪارٽون ڇپيل هو. هن اهو ڏٺو.... پڙهيو، هڪ دفعو.... ٻيو دفعو....

هن ڪارٽون ۾ انگريزيءَ جو هڪ پروفيسر پنهنجن شاگردن کان پڇي رهيو هو ته 'اڄ ڪلهه اهو ڪهڙو اکر آهي، جنهن جو استعمال ڪرڻ ڇڙ هڪ فيشن ٿي پيو آهي.' ۽ شاگردن مان هڪ شاگرد هٿ مٿي ڪري چئي رهيو هو ته 'اڄ ڪلهه سڀ کان وڌيڪ استعمال ٿيندڙ 'آئٽني' آهي، اڄڪلهه جا ماڻهو به آئٽني ميرٽ،

انڊين وومين، انڊين مئگزين، انڊين لائيف ٽيندا پيا وغيره.

هوءَ ڪافي دير ٽائين ڪارٽون ڏسندي رهي ۽ پوءِ اوچتو سندس آڱريون بلراج جي ٽيليفون ڪرڻ لڳيون....

"هيلو، بلراج؟ مان ڪامني آهيان."

"ڪامني!"

"اڄ وارو ڪارٽون بيحد پسند آيو. تمام سٺو آهي."

"ڪامني، مونکي خوشي آهي، اهو ڪارٽون توهان کي وڻيو آهي."

"بلراج، مان ڪالهه پنجاب ويئي هئس. اتي جليانوالا باغ جو جلسو ڏسي آئي آهيان. من تي تمام گهرو اثر ٿيو اٿم. دل اداس آهي، ان جلسي بابت ڪالم به لکيو اٿم پر بلراج، منهنجو اهو ڪالم به توهان جي ڪارٽون وانگر سيريس آهي .... مون ان ڪري ٿي توهان کي فون ڪيو ته هيءَ توهان جو ديش ايترو ته 'انڊين وومين' آهي جو شايد توهان کي به خبر نه آهي."

"مونکي خبر آهي."

"جيترو هڪ عورت چاهي سگهي ٿي، اوترو شايد پيو ڪجهه مشڪل...."

"ها، ڪامني."

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

”چڱو بلراج.... ان ڪارڊن لاءِ مهرباني.“

”مهرباني!“

”ائٽ ليسٽ، ڊيئر از آ مئن، ون مئن، هو ٿينڪس....“

”پر ان ماڻهوءَ کي ڇا ڪجهه مڃڻ لاءِ پاڻ وٽ اچڻ جي موڪل ڪا ڏيئي سگهو؟“

”بلراج، اسانجي ديش جي سيپئتا عورت کان اجازت گهرڻ نٿي سيکاري. عورت سان وواه زوريءَ ڪيو ويندو آهي، عشق به زبردستي ڪيو ويندو آهي ۽ عورت جو ذڪر به زبردستي ڪيو ويندو آهي....“

”پئي جي دل ۾ شايد نه هجي، پر منهنجي دل ۾ ان اجازت لفظ جو قدر آهي.... اج مون کي موڪل ڏيو نه....“

”اچو.... مان شايد انسان مان ايتري ڊسگٽيڊ ڪانه ٿي آهيان.“

بلراج آيو پر ڪامنيءَ جو من اداس ٿي رهيو. اج هن ڪيس باغيچي ۾ نه پر پنهنجي ڪمري ۾ ئي وهاريو هو.

”چانهه پيئندا؟“

”ها.“

ڪامنيءَ ٻاهر مالهيءَ کي چانهه ٺاهڻ لاءِ چئي اندر هلي آئي.

”توهان لاءِ اج وارو هڪارڊون شايد ڪا وڏي ڳالهه

”هو جنهن ڏينهن انٽرويو ڏيڻ آيو هو، ان ڏينهن
به ڪنهن دوست کان نيڪٽاءِ، ڪنهن کان پئنٽ،
ڪنهن کان شرٽ، ڪنهن کان پئسا اڌارا وٺي آيو هو،
صرف اهو سوچي ته شايد مان سائنس گهري بنجي ڪنهن
وڏيءَ هوٽل ۾ چانهه پيئڻ لاءِ هلان.... اهو سڀ ڪجهه
مون کي پوءِ ئي معلوم ٿيو.... هن جي ڪنهن دوست
ٽيليفون ڪري ٻڌايو هو، پر بلراج، عجب ته اهو آهي
ته مون هن جون پاڻ بابت ڦهلايل ڳالهيون پنجاب ۾
به ٻڌيون....! مون کي خبر آهي ته هن جيتريون به ٻيا
سرءَ پير جي ڪوبتائون لکيون آهن، اهي منهنجو نالو
وٺي ئي پڙهندو آهي.“

”مونکي خبر آهي، ڪامني.“

”توهانکي خبر آهي؟“

”ها، ٽي هائوس ۾ به اهيئي ڳالهيون ڪندا آهن.“

”هتي؟ ٽي هائوس ۾؟“

”ها. اصل ۾ مون اچ واري ڪالم ۾ جيڪي لکيو
آهي ته اڄ جا ماڻهو ائنٽي وومين آهن، سو مطلب به هن
ڳالهه سان ئي آهي.“

مالهي چانهه کڻي آيو. ڪامنيءَ پيالن ۾ چانهه، اوتي
هڪ پيالو بلراج کي ڏيندي چيو، ”هڪ شخص اڪثر
مونکي ٽيليفون ڪندو رهندو آهي، پنهنجو نالو به ڪونه
ٻڌائيندو آهي. صرف ايترو ئي چوندو آهي ته هو منهنجو

ويل وشر آهي.“

”جگير سنگهه جهڙن سپ ڳالهيون ان ئي ٻڌايون هونديون؟“

”ها. ڪالهه رات هن فون ڪري ٻڌايو ته جگير سنگهه ۽ سندس ساٿي هڪ اخبار ڪڍي رهيا آهن.... ’موج ميلو‘.... هو ان ۾ منهنجي خلاف لکندا.“

بلراج ڪجهه نه چيو..... صرف چانهه پيئندو رهيو، چانهه جو گرم پيالو ڄڻ تلخيءَ جو ڀريل پيالو هو. هو ڍڪ ڍڪ ڪري ان کي پيئندو رهيو.

شهر ۾ عورتن جي ڪانفرنس هئي، ڪامني اتان موٽي گهر آئي ته ڪجهه دير بعد فون جي گهنٽي وڳي....

”توهين ڪامني ڳالهائي رهيا آهيو؟“

”ها.“

”مان توهانجو هڪ ويل وشر ڳالهائي رهيو آهيان.“

”چئو.“

”مون منجهند جو توهانجي آفيس ۾ فون به ڪيو هو، پر توهان عورتن جي ڪانفرنس ۾ ويل هئا....“

”چئو.“

”مان توهانکي صرف اهو ئي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته جگير سنگهه جي هٿ جي ڪابه شيءِ نه کائجو. هن توهان کي ملائيءَ ۾ ڪجهه ملائي کارائڻ چاهي ٿو.“

"هي سڀ ڇا آهي! مون کي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي. توهان ڪير آهيو.... پنهنجو نالو ڇو نه ٿا ٻڌايو؟"

"مان توهان کي صرف ايترو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته مدگير سنگهه جو ويچار آهي ته هو سفيد گهوڙي جي پٺين کي جلائي ان جي رک، ڪنهن به شيءِ ۾ ملائي توهان کي کارائڻ چاهي ٿو. اها کارائڻ سان توهان جي سموري سوچڻ جي شڪتي هن جي قبضي ۾ اچي ويندي."

"ماءِ گاڊ...."

"بس، توهان سندس ڏنل يا موڪليل ڪا به شيءِ نه کائجو. باقي سڀ ڏٺو ويندو."

"........"

ڪامنيءَ ٽيليفون جو رسيور رکي ڇڏيو. هن جي هٿن ۾ هلڪي ڏڪڻي شروع ٿي ويئي. هوءَ رنڌڻي ۾ وڃي ڪافي ٺاهڻ لڳي. گئس ٻاري، ٽماڙي ڪيتليءَ ۾ پاڻي وجهي گئس تي رکيائين. هوءَ ويچارن ۾ ايترو ته کوهيل هئي جو هٿ ۾ ٻرندڙ تيلي الاجي ڪٿي ڦٽي ڪري ڇڏيائين.

اچانڪ خيال اينديءَ ئي ڇرڪ ڀري هن ڏٺو ته اها تيلي سلينڊر جي ڀرسان ئي خراب ڪاغذن واري ٽوڪريءَ ۾ وڃي پيئي آهي. ٻريل تيليءَ سبب ڪاغذن کي باهه لڳڻ شروع ٿي ويئي هئي. باهه وسائيندي جنهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاغذ تي سندس نظر پيئي. اها هڪ اخبار هئي جنهن جو ڏنلو گذريل هفتي ڪنهن ڪيس ٽيليفون تي ٻڌايو هو.

ڪامنيءَ ٽوڪريءَ مان اخبار جا ڪاغذ ڪڍيا، اهي هڪ طرف کان جليل هئا پر گهڻو حصو اڃا تائين ثابت هو. ڪاغذ جي هڪ ٽڪري تي پينسل سان ليڪ ڏنل هئي. هن پڙهڻ شروع ڪيو.

'ڪامنيءَ نالي هڪ عورت کي اسين جرنلسٽ نٿا سمجهون، هن کي ڪجهه به لکڻ نٿو اچي. هوءَ حسين عورت آهي ۽ ڪيس هڪ انگريزي اخبار ۾ نوڪري مليل آهي، هن اها نوڪري پنهنجيءَ جوانيءَ ۽ حسن جي جيڪا قيمت ڏيئي حاصل ڪئي آهي، اهڙيءَ طرح ڪابه شريف عورت جيڪر نه ڪري. هوءَ جوان آهي، خوبصورت آهي، بيحد حسين آهي. رڳي ۾ سورهن آنا نه، پر ويهه آنا خوبصورت آهي. ماڻهو چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ٿا ته اهڙيءَ عورت کي ڪجهه به حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه تڪليف پيش ڪانه ايندي.'

ڪامني اهو ڪاغذ وري ماڳهين ڪچري جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو. هن جو منهن ڦرڻ لڳو هو!

ڪجهه دير ڪانپوءِ هوءَ اٿي ڪافي پيئڻ لڳي ۽ سوچيندي ئي رهي ته فون جي گهنٽي وڳي....

"مان بلراج آهيان، ڪامني."

”چڱو، بلراج.“

”ڪالهه هڪ اخبار توهان وٽ آئي هوندي....“

”ها، هڪ اخبار آئي آهي.... مون پڙهي آهي.“

”آف!“

”پتاجيءَ کي ڏي اها اخبار ملي هئي. هن اها گهڻي توڪريءَ ۾ وجهي ڇڏي. اها ڳالهه اڳ آهي نه منهنجي نظر اوچتو وڃي ان تي پيئي هئي.“

”چڱو، هاڻ توهان ان اخبار کي وساري ڇڏيو، واعدو ڪريو....“

”ها، بلراج. مان ان بابت ڪانه سوچيو پئي. پر توهان به سوچ جو ڪو انت ته نه آهي نه.“

”گهڻو صرف گهٽين ۽ بزارن ۾ نه هوندو آهي، ماڻهن جي من ۾ به هوندو آهي. اڄ جڏهن ڏي ـ ڏي ـ هائوس ۾ ويس ته اهيئي ماڻهو ويٺا هئي ڳالهيون ڪري رهيا هئا....“

”چڱو بلراج، فون لاءِ گهڻي گهڻي مهرباني. منهنجي ۾ ڪافي سور هو، پر لڳي ٿو ته هاڻ لهي ويو آهي. مون کي توهان جي فون جي سخت ضرورت هئي. توهان سڀاڻي يا پرينهن اچي سگهندا؟“

”سڀاڻي شام جو ڏهي هلي ايندس.“

ڪامنيءَ ٽيليفون رکي ڇڏيو. هن جو من پرچي اٿيو هو، ڪيس پتاجيءَ جو ڪومل من، بلراج جي بهادر دل،

۽ ان گمنام ويل وشر جي مهربان دل جي ياد آئي...۽
هوءَ دل ئي دل ۾ انهن جا شڪرانا مڃڻ لڳي....

ڪجهه ڏينهن ڪانپور ڪامني آفيس ۾ ويٺي هئي ته
بلراج جو فون آيو هو.
”هيلو.“
”مان بلراج آهيان.“
”ڪالهه جگبير سنگهه اردو بزار جي هڪ هوٽل ۾
ويهي خوب شراب پيتو هو. ان بعد ان هوٽل جي
ڪرسيون ٽوڙي اتي باهه ڏيڻ شروع ڪيائين. هوٽل
وارن يڪدم پوليس کي گهرائي ورتو. پوليس کيس
گرفتار ڪري جيل ۾ وٺي وئي. پوءِ اتي به
باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائين. پوليس کيس آگري جي
پاگل خاني ۾ موڪلي ڇڏيو آهي. هاڻ خطري جي
ڪا به ڳالهه نه آهي.“
ٽيليفون رکي هن سامت جو ساهه کنيو.... جنهن ٽي
ميز تي رکيل ٽپال ڏٺائين ته اتي هڪ اخبار تي نظر
پيس. کولي پڙهڻ لڳي....
”اسانجي ٻوليءَ جو مشهور شاعر جگبير سنگهه، جنهن
عورت جي عشق ۾ پاگل بڻجي پاگل خاني ويو آهي،
ان عورت کي هن مٿان ايترو به ترس نه آيو ته پنهنجيءَ

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

ٺوڙ ۾ ويهي هن جو حال پڇي اچي. پر ڇتيهن رنگن جا ويس پهرڻ واريءَ هن عورت کي ڪهڙي خبر ته جگير سنگهه جي پنجن ٻارن جي روٽي ڪٿان ايندي. هيءَ عورت نه پر نانگڻ آهي. جنهن اسانجي هڪ ٻئي شاعر کي به ڏنگيو آهي. ڪرشن سنگهه جيئرو شهيد آهي. هو اسانجو عيسيٰ مسيح آهي ۽ اڄ جگير سنگهه پاڳل ٿيڻ جي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته هو اسان جي ديش جو هڪ اهڙو مجنون آهي جيڪو ليليٰ جي عشق ۾...."

ڪامنيءَ اخبار هڪ طرف ڦٽي ڪري ڇڏي. هن جي رڳن ۾ خون جو هر قطرو جنبش ۾ اچي ويو هو، "هيءَ زبردستيءَ جا عيسيٰ مسيح ۽ زبردستيءَ جا مجنو!"

آرتوار ڏينهن وري ويل وشر جو فون آيو.

"ديدي."

"اڄ توهان مون کي ديدي چيو آهي. توهان جي احسانمند آهيان پر توهان جو نالو ڄاڻڻ چاهيان ٿي."

"چڱو ديدي، مان اڄ منجهند جو توهان جي گهر ايندس. آرتوار آهي، توهان گهر ۾ ئي هوندا نه؟"

"ها."

اڇي وارو ڄڻ آيو ته ڪامنيءَ کي ائين لڳو ڄڻ

هن ڪيس ڪٿي ڏٺو آهي."

"منهنجو نالو هرديو آهي."

"هرديو!" ڪامنيءَ ان لفظ کي دهرايو، "مون پهرين به توهان کي ڪٿي ڏٺو آهي، پر ياد نٿو پوي."

"ڪن ڪانفرنسن ۾ يا ڪن ميٽنگن ۾ ايندو آهيان. اتي اڪثر توهان به هوندا آهيو. جگبير سنگهه ۽ سندس ساٿين جون حرڪتون ۽ توهان کي تنگ ڪرڻ جا نمونا مان پڏي ۽ ڏسي نه پئي سگهيس. توهان کي پنهنجي ديدي سمجهيو هوم، بس ان ڪري ئي توهان کي آگاهه ڪندو هوس."

"مهرباني. اڄ به ڪا خاص ڳالهه ٿي آهي؟"

"ها، ديدي. توهان وٽ بلراج جون ڪي چٺيون آهن، ڇا؟"

"مطلب؟"

"اڄ ڪلهه جگبير سنگهه ته پاڳلخاني ۾ آهي پر هن جا دوست به هن کان گهٽ نه آهن."

"پر هيءَ چٺين جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

"هو توهان جي خلاف ڪجهه لکڻ چاهين ٿا. لکي به رهيا آهن. پر هنن وٽ لکڻ لاءِ ڪا به ٺوس حقيقت نه آهي. ديدي، اسان جي ديش جي رسمن جي اسان جن ڪپڙن کي ايتري مٽي نٿي لڳي جيترين تهمتون عورتن تي اڇي چنبڙن ٿيون. جگبير سنگهه جي دوستن انهن

soorihsindhiadab

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوچي ڇڏيو آهي ته توهان وٽ پڪ ڊي پڪ مسٽر بلراج جون ڇنيون اينديون هونديون. هو اهي ڇنيون هٿ ڪري پنهنجيءَ اخبار ۾ توهان کي بدنام ڪندا. هو ڪيئن به اهي ڇنيون توهان جي گهر مان چوريون ڪرائيندا."

"گهر مان چوريون ڪرائيندا!"

"توهان گذريل هفتي ڪا ڇوڪريءَ موٽي ڪرڻ لاءِ رکي هئي ڇا؟"

"ها.... رکي هئي."

"مون کي اڄ خبر پيئي ته اها ڇوڪري هنن ئي موڪلي هئي."

"پر هوءَ ته چوي پيئي...."

"ڪيس سڀ ڪجهه سيکاري پوءِ ئي توهان وٽ موڪليو ويو هو. ان توهان کي چيو هوندو ته پاڪستان جي دردناڪي ۾ سندس ماءُ پيءُ ڪانئس وڇڙجي ويا آهن.... هوءَ هڪ سٺي گهر جي ڇوڪري آهي.... ۽ لاچار ڪيس هٿڙي نندڙي نوڪري ڪرڻ جي ضرورت پيئي آهي...."

"مون رسوئيءَ لاءِ ڪڏهن به ڪا ڇوڪري ڪانه رکي هئي. پر جڏهن ڪيس روئندو ڏٺم ته ساڻس همدردي ٿي ويئي.... هوءَ مونکي ايترو ته پيار ڪرڻ لڳي هئي، ڄڻ مان ننڍڙس ڪا ماءُ يا ڀيڻ هجانس."

”هوءَ توهان جي ڪمرن مان صرف چنبون ڪٽڻ لاءِ ئي توهان وٽ آئي هئي ۽ اهو پڻ جاچيندي هئي ته سڀ ڏينهن ۾ مسٽر بلراج توهان وٽ گهڻا دفعا ايندو آهي.“

”ساءِ گاڊ!“ هڪ ٻه دفعو.... مون کي شڪ به جاڳيو هو. هڪ دفعي منهنجي ڪمري جون ڪيتريون ئي چيزون ٽڙيون پکڙيون پيئون هيون.... هڪ ڏينهن ميز جي خاني ۾ رکيل ڪاغذ به هيڏانهن هوڏانهن ٿيا پيا هئا پر مون ايترو ڪانه سمجهيو هو....“

”جڏهن ڪيس ڪجهه به نه مليو ته هن انهن چٺي ته سندس چاچو ڪوس نوڪري ڪرڻ نٿو ڏئي، توهان جي نوڪري ڇڏي ڏني.“

”ها، هن انهن ئي چيو هو.“

”آڪتي ڪنهن کي به سچاٽپ ڪانسواءِ نه رکجو.“

”پر اها ڇوڪري.... هن جو چهرو ڪيترو نه معصوم ۽ ڀالو ڀولو هو. هنجو گول چهرو.... مان جڏهن به ڪجهه لکندي هئس ته جهٽ ۾ چانهه ڏاهي کڻي ايندي هئي... مون کي ڪجهه به چوڻ جي ضرورت ڪانه ٿيندي هئي.... ٿڪل هوندي هئس ته منع ڪرڻ تي به زور ڏيندي هئي.... ڪنهن جو چهرو ايترو....“

”ڊسيپٽو فيس.“

”مان ته سوچي به نٿي سگهان ته اها مشرقي ارڙهن

سالن جي ڇوڪري...."

"مون مسٽر بلراج کي ڏٺو آهي.... تمام سٺو ماڻهو آهي، توهان جو دوست آهي، ان ڪري ضرور سٺو ماڻهو هوندو. هو جيڪڏهن توهان کي ڪا چٺي به لکندو ته ڪنهن نظم وانگر خوبصورت هوندي.... پر هي جيڪي ماڻهو آهن، انهن جو ڪنهن به خوبصورتيءَ سان ڪوبه تعلق نه آهي. مون کي صرف ايترو ٻڌڻو آهي ته توهان پنهنجن خطن کي سنڀالي رکجو." ائين چئي هو هليو ويو.

ٽيليفون جي گهنٽي وڳي....

"ڪڏ آءِ اسپيڪ ٽو مس ڪامني؟"

"اسپيڪنگ."

"ڪامني، مان مسز تنوير ڳالهائي رهي آهيان."

"مسز تنوير؟"

"هڪ دفعو توهين مون وٽ آيا هئا، منهنجو انٽرويو وٺڻ لاءِ. شايد توهانکي...."

"ها، ها. توهين ڇا مسٽر تنوير نيوي آفيسر جي...."

"ها، مان اهائي آهيان."

"ڇٺو؟"

"توهان اڄ مون وٽ اچي سگهندا. مان اسپتال ۾

آهيان.“

”ماڻ تو هان وٽ اچان؟ چڱو اچاڻ ٿي.“

”ڪمرو نمبر ٢٢“

”ٺيڪ آهي، مون نوٽ ڪيو آهي.“

”پر توهان ڪلاڪ کن اندر اچي پهچي وڃجو. پوءِ مون کي ماڻ لاءِ منهنجي گهر جا ماڻهو اچي ويندا.“

”ماڻ اڌ ڪلاڪ ۾ اچي پهچي ويندس.“

هوءَ جڏهن اسپتال جي ٢٢ نمبر ڪمري ۾ پهتي ته مسز تنوير کي ڏسي واڻڙي ٿي ويئي. هوءَ بلڪل پيلي ۽ ڏٻري پتجي ويئي هئي.

”توهان ڪڏهن کان بيمار آهيو؟“

”بيمار ته گهڻن ڏينهن کان ٿي آهيان پر اسپتال ۾ صرف مهني کن کان آهيان.“ کن روڪي وري چيائين، ”مون کي ڪئنسر آهي، ڪامني! پر هن وقت پنهنجي بيماريءَ بابت ڳالهيون نه ڪنديس، اهي ڳالهيون ڪرڻ لاءِ پيا گهڻائي ماڻهو آهن....“ ڪجهه پلن لاءِ بلڪل چپ ٿي ويئي، اکيون بسي نُور بڻجي ويئون هئس، چيائين، ”گذريل سال جڏهن منهنجي پتيءَ ٿي ڪيس هليو هو تڏهن ڪيترن ئي ماڻهن سان مون کي واسطو پيو هو. گهڻا مرد هئا..... ڪجهه عورتون به هيون.... انهن ڏينهن ڪنهن کي به منهنجي دل جي حالت جي پرواه ڪانه هئي. نه ڪنهن مرد کي ۽ نه ڪنهن عورت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏي. سيٺني هڪ تماشو ڏسي رهيا هئا، سيٺني جي نظر هڪ خوبصورت، عيش پرست ۽ بيوفا عورت مٿان هئي، پر ڪامني، موفڪي انهن ڏينهن ۾ تنهنجي ملاقات تمام مٺي لڳي هئي ته جيترا به سوال ڪيا هئا منهنجي من جي حالت کي سمجهڻ لاءِ ئي ڪيا هئا. تنهنجي دل ۾ منهنجي لاءِ هڪ خاموش همدردي هئي."

"توهان ٺيڪ سمجهيو هو، مسز تنويرا!"

"منهنجو پنهنجو نالو ايلس آهي. تون موفکي ايلس چئي سگهين ٿي. مون ته توکان موڪل وٺڻ بنا ڏي توکي ڪامني چوڻ شروع ڪيو آهي."

"چڱو، ايلس."

"ڪامني، تون هڪ اخبار جي ڪالمسٽ آهين؟"

"مون کوڻ سمجهيو؟"

"پنهنجيءَ ماءُ لاءِ، پيءُ پيتا لاءِ ڌيءُ، پيڻ يا ڀاءُ لاءِ ڀيڻ ۽ جنهن مرد کي پيار ڪرين ٿي ان لاءِ صرف هڪ عورت...."

"ها، ايلس!"

"مان هن ديس ۾ پرديسي عورت آهيان. منهنجو ڪوبه دوست ناهي. تون منهنجي دوست بڻجي سگهين ٿي."

"ها، ايلس."

ايلس ڪامنيءَ جا هٿ ڪٺي پنهنجن چپن تي رکي

آهستي آهستي ڏيمي آواز ۾ چوڻ شروع ڪيو، ”مان گهڻا ڏينهن ڪاٺ جيئندس. مرڻ کان اڳ من ۾ هڪ عجيب ڪشمڪش جاري آهي. انسان ڪيترو به ڊپلوميٽ ڇو نه هجي، پر تنهن هوندي به هن جي اندر ۾ اها چيز زنده هوندي آهي جنهن جو ڊپلوميسي سان ڪو به سنبنڌ نه هوندو آهي..... ڪامني منهنجي بدن تي هٿ رکي قسم کڻ، منهنجون هي ڳالهيون ڪڏهن به ڪنهن اخبار ۾ نه لکنديءَ.“

”نه لکنديس، ايلس.“

”توسان ڳالهيون ڪرڻ تي دل ٿيندي آهي. ائين ڄڻ ڪنهن پادريءَ سان ڳالهيون ڪري رهي آهيان.“

”ايلس مان تنهنجي وشواس کي قايم رکنديس.“

”هون.... مون تنوير کي پيار ڪيو هو. تنوير کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان به پيار نه ڪيو آهي.“

”ها ايلس. مسٽر لال واري ڳالهه سمجهي سگهان ٿي. اها گهڻنا پيار ڪانسواءِ به گهٽجي سگهي ٿي“

”نه ڪامني، ڪجهه به نه ٿيو هو. مون اخبار وارن کي جيڪو بيان ڏنو هو ته منهنجي پتيءَ جي ٻاهر وڃڻ کان پوءِ منهنجو سنبنڌ مسٽر لال سان جڙيو هو ۽ واپس اچي جڏهن مسٽر تنوير کي اها خبر پيئي ته مان مسٽر لال سان گهري ٿي ويئي آهيان ته هن مسٽر لال کي گولي هڻي ماري ڇڏيو.... اهو سڀ ڪوڙ هو، ڪامني. سراسر

ڪوڙ هو!"

"اهو سڀ ڪوڙ هو، ايلسي؟"

"ها سڀ ڪوڙ هو!"

"پر توتي اهو الزام..."

"اهو الزام مون خود پاڻ تي لڳايو هو. ڇو ته مسٽر تنوير کي جيڪڏهن بچائي سگهيس ٿي ته پاڻ تي ان الزام لڳائڻ کانپوءِ ئي بچائي سگهيس ٿي. تو ڏٺو ڪامني، مون ڪيس بچائي ورتو. صرف هن کي ئي نه پر پين به گهڻن کي ئي بچائي ورتم. مون ديش جي ناليءَ کي بچايو آهي، ڪامني."

"ايلسي، مون سمجهيو ڪونه."

"اها اهڙي ته وڏي سازش هئي، جو ان کي ڪير به نه سمجهي سگهيو. اڄ تائين به نه سمجهي سگهيو آهي. هن ۾ هڪ تنوير ئي نه پر نيويءَ جا پيا به ڪيترائي آفيسر به شامل هئا. تون ئي ٻڌاءِ، ڪامني! هڪ عورت جي عزت وڏي يا ديش جي عزت وڏي؟"

"ايلسي، هي ڪهڙو ڪيس آهي؟"

"سمگلنگ جو."

"پر...."

"جيڪو اصلي ڪيس آهي ان جي ڪنهن کي به خبر نه آهي. سيٺي کي صرف اها تي ڄاڻ آهي ته هيءُ ڪيس عورت جي بي وفائيءَ جو ڪيس آهي. مسٽو

ٿي هو. تنهنجي چهري سان ٿي ملندو جهلندو هو. تون جڏهن گذريل سال مون وٽ آئي هئينءَ ته مان ڪيتري دير تائين توڏانهن نهاريندي رهي هئس.... تون ڪڏهن به منهنجون ڳالهيون...“

”تنهنجون ڳالهيون منهنجي امانت آهن، ايلسي.“

”ڪجهه ڏينهن کان منهنجي دل ۾ هڪ ’ڪمپلشن‘ جاڳي هئي، هڪ بيوسي.... شايد جڏهن ماڻهو ڪنهن ڳالهه جو ڪنفيس ڪندو آهي ته هن جي اندر ۾ هڪ ’ڪمپلشن‘ ٿيندي آهي.“ ڪامني!“

”ها، ايلسي؟“

”چڱي ڀلي دل هئي، پر هن حادثي ان کي ڪاٺي ختم ڪري ڇڏيو آهي.“

”او.... منهنجي ايلسي!“

ڪامني پلنگ تان اٿي ايلسيءَ جو مٿو چميو.

”تو هوءَ ڪهاڻي پڙهي آهي، ڪامني. اسٽيفن زويگ جي ڪهاڻي؟ هڪ بدنصيب عورت ڪنهن کي پيار ڪندي هئي، پر هوءَ جنهن کي پيار ڪندي هئي انجي زندگيءَ ۾ روز هڪ نئين ڇوڪري ايندي هئي ۽ ملي ويندي هئي. ڪڏهن به ان ڇوڪريءَ جي ياد سندس دل ۾ ڪانه ٽڪندي هئي. ان ڪري اها عورت ڪيس ڪڏهن به اهو ڪانه ٻڌائي سگهي ته هوءَ کيس پيار ڪندي آهي. هوءَ به هڪ دفعي هڪ رات لاءِ


Scanned with CamScanner

سندس مهمان ٿي ۽ سندس زندگيءَ مان هلي ويئي. هن سندس پيار کي پنهنجي ڪک ۾ پاليو ۽ ڪيس ڪڏهن به نه ٻڌايو ته ڪو سندس پيار جي سزا ٿي آهي. پيار جڏهن پنجن سالن جو ٿي مري ويو ۽ سندس جيئڻ جو سهارو به ويندو رهيو. هن ته ان رات پنهنجي پيار جي لاش وٽ ويهي ڪيس هڪ خط لکيو ۽ اهو خط ٽپال ۾ وجهي هوءَ خود به مري ويئي.... ڪامني، ڪا عورت ڪو به ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿي پر پنهنجي پٽ جي لاش اڳيان ويهي هوءَ ڪڏهن به ڪوڙ ڳالهائي نه سگهندي. مان به پنهنجي من جي لاش اڳيان ويهي تو کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي رهي آهيان.... پرماتما کي ٻڌائي رهي آهيان."

"او منهنجي ايلسي!"

"مان ڪيترن ئي ڏينهن کان پنهنجيءَ پيءُ کي ياد ڪندي آهيان.... پنهنجي ڪليئر کي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ هڪ مرد جي پيار مان ايتري ته نراشا ٿي هئي جو سڀ ڪجهه ڇڏي ڪانوينٽ ۾ هاي ويئي. اتي نن ٿي هئي. هوءَ ڪڏهن جيئري هجي ها....."

"مان تنهنجي ڪليئر آهيان، ايلسي. تنهنجي پنهنجي ڪليئر."

"مان جيڪڏهن جيئري رهيس ته ان ڪانوينٽ ۾ لي ويندس جتي ڪليئر رهندي هئي پر جيڪڏهن وري ويس ته...."


Scanned with CamScanner

”مرڻ ڪو حل نہ آهي، ايلسي! ۽ سڀ ڪجهہ تياڳي ڪنهن ڪانوينٽ ۾ هلي وڃڻ بہ ڪو حل نہ آهي.“

”ڪتان، بہ ڪو حل نہ آهي. مون کي ائين ٿو لڳي، هي دنيا صرف ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ تياڳ جي دنيا ۽ ٻي ڍوڪي جهڙي دنيا. جنهن ۾ جيتري بہ همت هوندي آهي، هو اوترو ئي ڍوڪو ڏيندو رهندو آهي ۽ جڏهن همت ختم ٿي ويندي آهي تہ هو سڀ ڪجهہ تياڳي هڪ طرف هٽي ويندو آهي. ڪيس نہ هن طرف کان ڪجهہ ملندو آهي ۽ نہ ئي هن طرف کان ڪجهہ حاصل ٿيندو آهي.“

”مان وري بہ تو وٽ اچي سگهان ٿي، ايلسي. تون جڏهين بہ چاهين....“

”مان سڀاڻي هتان هلي وينديس. انگلنڊ پنهنجيءَ ماءُ وٽ وڃي رهي آهيان.“

”مسٽر تنوير کي ڇڏي....“

”اهڙي ڳالهہ ڪانہ سوچي اٿم. هاڻ تہ صرف علاج لاءِ وڃي رهي آهيان، آپريشن ڪرائڻ. هوئن بہ چئي نٿي سگهان تہ واپس اچي سگهنديس، يا نہ. جيڪڏهن ڪڏهن آيس ڪامني.... وقت ٿي ويو آهي، ڪامني. مسٽر تنوير اچڻ ۾ هوندو.“

”چڱو ايلسي، مان وڃان ٿي. پر هي سڀ دنيا جو ڪوڙ اخبارن جون سرخيون ٿي ٺهجي رهندو ۽ سچائي

اسپتال جي پلنگ تي ويهي ڊاڪٽرن جا چهرا نڪيندي رهندي...“

ڪامنيءَ جـون اکيون پـرجي آيون. هوءَ جلدي جلدي ايلسيءَ جا هٿ چمي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي.

ڪامني ننهن ڪان چوٿيءَ تائين اصل ڏکي ويئي. هن جي سامهون سنيل ويٺو هو. چپ چاپ ڪامنيءَ کي ڏسي رهيو هو ۽ ڪامنيءَ کي لڳو، هن جون نظرون سندس دل سان ٽڪجي گذري رهيون آهن.

ٻه منٽ ڪن اڳ چپراسيءَ ڪمري جو دروازو کولي ڪيس ٻڌايو هو ته ڪو صاحب سائين گڏجڻ چاهي ٿو. ڪامني ميز تي لکڻ ۾ مشغول هئي هن جهڪيل ڪنڌ سان ڪيس اشـارو ڪيو هـو ته ان شخص کـي اندر موڪلي ڏئي.

ڪڏهن ڪڏهن انسان لاءِ اهڙو وقت به ايندو آهي جو کيس ائين محسوس ٿيندو آهي ته دنيا جي هر زبان ڪائنس وسري ويئي آهي. ڪامنيءَ به جڏهن سنيل کي ڏٺو ته کيس به ائين محسوس ٿيو ته هر زبـان جو هر لفظ هوءَ ڀلجي چڪي آهي.

”چار وڳا آهن. آفيس ۾ پنجين تائين وهندينءَ؟“

سنيل ايترو نہ سادگيءَ سان پڇيو جڻ هو ڪجهہ سال نہ پر ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ئي هن سان مليو رهيو هجي،

”ها.“

”ڇگو مان پنجين بجي ايندس. هتان منهنجي هوٽل بلڪل ويجهو آهي“ جواب جي انتظار بنا ئي هو هليو ويو.

ميز جي پرسان بيٺل ڪامني، پنهنجي ڏڪندڙ جسم کي ميز جو سهارو ڏنو. ڪنهن بہ وقت کي رڪجندو ڪونہ ڏٺو آهي پر ڪامنيءَ کي لڳو اڄ هن وقت کي رڪجندو ڏٺو آهي ۽ وقت سان گڏوگڏ ساهہ کي بہ رڪجندو ڏٺو اٿائين.

خبر ناهي ڪيتريءَ دير کان پوءِ ۽ ڇو، ڪامنيءَ جو هٿ ٽيليفون طرف وڌيو. هن پنهنجي ذهن تي زور ڏيئي بلراج جو نمبر ملايو.

”مان ڪامني آهيان.“

”ها، ڪامني.“

”صرف ٻہ منٽن لاءِ .... منهنجي آفيس ۾ اچي سگهندا؟“

”هئن اوچتو.... ڇو، ڇا ٿيو آهي، ڪامني؟“

”ڪجهہ نہ.“

”ڇگو مان اچان ٿو. ٻس ٻن منٽن ۾.“

بلراج جو اسٽوڊيو ڪامنيءَ جي آفيس پرسان ئي هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بلراج کي مشڪل سان اڃان ۾ ٨-١٠ منٽ لڳا هوندا پر ڪامنيءَ کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هوءِ ڪيترن ئي ڏينهن کان هتي ميز جي سهاري ويٺي ڏڪي رهي آهي.

”ڪامني!“

ڪامنيءَ پلڪون مٿي ڪيون. بلراج طرف ڏسندي چيائين، ”اڄ سنيل آيو هو.“

”سنيل؟“

”مون هڪ دفعي توهان کي ٻڌايو هو ته جن ڏينهن ڪاليج ۾ پڙهندي هئس....“

”مون کي ياد آهي، ڪامني“

”اڄ.... ڪجهه دير ٿي.... خبر ناهي ڪيتري دير ٿي.... هاڻي ڪهڙا وڳا آهن؟“

”ساڍا چار، چار پنجٽيهه.“

”ان وقت هن مون کي ٻڌايو هو ته چار وڳا آهن ۽ پنجين بجي ايندس.“

”پر ڪامني....“

”ها.“

”ڇا ٿي ويو آهي توهان کي؟“

”مان.... نه ته....“

بلراج هڪ پل لاءِ ڪامنيءَ جي چهري طرف ڏسي پنهنجي کيسي مان رومال ڪڍيائين. اڄ پهريون ئي

دفعو هو جو هو ڪامنيءَ جي ايترو ويجهو اچي بيٺو هو، ”سچو چهرو ته ڳوڙهن سان ڀريل آهي....“ انهن چٽي رومال سان سندس اکيون اگهڻ لڳو.

ڪامنيءَ کي سچ پچ خبر نه هئي ته ڪو سندس اکين مان ڳوڙها وهي رهيا آهن. هن پنهنجين آڱرين سان اکين کي ڇهيو. آڱرين کي ڏسندي هوءَ حيران ٿي ويئي.

”پر ان ۾ رئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”خبر ناهي....“

”هو پندرهن ويهن منٽن ۾ وري ايندو.“

”هن مون سان ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ڪئي صرف ايترو چئي هليو ويو ته پنجين بجي وري ايندو.“

”هتي آفيس ۾ هو ڪهڙيون ڳالهيون ڪري ها؟“

”پنجين بجي....“

هوءَ جيترا سال سوچيندي رهي هئي، اهو ڪڏهن به نه ٿيو هو ۽ اڄ اچانڪ جهٽڪي ٿي ويو هو ۽ ٽٽو هو اهو سڀ سندس سوچ ۾ نٿي آيو. هن گهٻرائجي بلراج کي گهرائي ورتو هو. ۽ هاڻ ڪيس اها به خبر نه هئي ته هن بلراج کي ڇو گهرايو آهي، ڪيس ڇا ٻڌائڻو اٿس، ۽ پڇڻو اٿس!

ڪامني سالن کان پوءِ سنيل کي ڏٺو. هوءَ بي حد خوش هئي ۽ ان ڪري ئي هوءَ گهٻرائجي ويئي هئي. هن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهڙائجي بلراج جو هٿ پڪڙيو ورتو. انهن، جنهن امتحان ۾ ويندي ڪو نه ڏيڙو ٻار پنهنجي دوست جو هٿ پڪڙيندو آهي.

”پنجين بجي ساڍس ڳڏ وچجانءِ ڳالهيون ڪجانس. آخر سالن کان پوءِ مليو آهي.“

”اڄ خبر نه آهي، مون کي ڇا ٿي ويو آهي، اوچتو ئي مان ڄڻ پندرهن سورهن سالن جي الڙ ڇوڪري بڻجي ويئي آهيان.“ ڪامنيءَ جي چپن تي شرميلي مرڪ اچي هلي ويئي.

”ڪامني! دي فيس ڪالمسٽ.......“ بلراج به کِلي ويٺو.

”مان ٺيڪ ٿي وينديس.... اوچتو الاجي ڇا ٿي ويو هو.... توهان وهو، مان چانهه گهرائي ٿي وٺان.“

”منهنجو خيال آهي نه مون کي وڃڻ گهرجي. پنجن وڄڻ ۾ صرف ڏهه منٽ آهن، ڏهه به نه پر اٺ منٽ آهن. هو اچڻ وارو ئي هوندو....“

”پر هو جيڪڏهن اچي به وڃي ته ڪهڙي هرج آهي؟“

”اڄ نه، پوءِ ڪڏهن نه. شايد ڪنهن کي غلطفهمي ٿي وڃي!“

انهن چيو هو ڪئبن کان ٻاهر وڃڻ لاءِ مڙيو. دروازي وٽ آهي هن هڪوار ڪامنيءَ طرف ڏٺو.

”هلون؟“ سنيل پڇيو.

”ڪيڏانهن؟“

”منهنجي هوٽل، هتان ڪان بلڪل ويجهي آهي. اتي وهنداسين. پوءِ تون جنهن وقت به چاهين، توکي گهر ڇڏي ايندس.“

ڪامنيءَ بنا ڪجهه چوڻ جي اتي سنيل سان ٻاهر هلي آئي. سنيل جنهن سادگيءَ سان تون چيو هو، اهو ڪامنيءَ کي ڏاڍو وڻيو هو. ان ۾ ڪامني کي اها پنهنجائپ نظر آئي، جنهن جي ڏهن عرصي کان تلاش هئي.

سنيل هوٽل جي رسيپشنسٽ کان ڪمري جي چاٻي ورتي ۽ ٻئي ماڙي تي اچي پنهنجو ڪمرو کولڻ لڳو.

”ڪجهه پيئندينءَ؟“

”اڇا هاڻ ته چانهه پيئڻي آهي.“

سنيل کيسي ۾ هٿ وجهي ڏٺو. سگريٽ ته هئا پر ماچيس ڪونه هو. هو اندر هيٽر ڏانهن اچي، هڪ ڪاغذ ٻاري ان مان سگريٽ جلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ڪامنيءَ جي اکين ۾، سالن کان سانڍيل درد ٻاهر وهي آيو. هن جي من چاهيو ته سنيل جي ڇاتيءَ تي ڪنڌ رکي روئندي رهي... روئندي رهي.... ۽ ڪانئس پڇي، سگريٽ کي ٻارڻ لاءِ ته ڪيتان به باهه اڌاري وٺي سگهجي ٿي. پر زندگيءَ کي سلگائڻ لاءِ باهه اڌار ڪٿان آڻجي

ملي سگهندي آهي، جنهن سان ڪيس محبت هوندي آهي.
۽ جيڪڏهن هوني اها ٻاهه چوڙائي ڪٺي وچي ته..... هن
جون اکيون پرجي آيون ۽ سنيل کي ڪجهه چئي نه
سگهي. ڪنڌ جهڪائي پنهنجا ڳوڙها لڪائي ورتائين.
هوءَ پلنگ جي هڪ پاڻي تي ويٺي هئي، سنيل سنڌس
پر ۾ اچي ويٺو هو. هن ڪجهه به نه چيو صرف هيٺ
ٿي ڪامنيءَ جا چپ چمي ورتائين.

سالن ڪان سنڀالي ساڻيل ۽ پاليل هڪ خيال ڪامني
کي هن وقت به آيو ته سنيل ڪڏهن به هن سان ڳالهيون
نه ڪيون آهن. اڄ به هن ڪا ڳالهه نه ڪئي هئي. شايد
هن جا چپ ئي سنڌس لفظ هئا....

ڪامنيءَ ڏٺو، اڄ هيترن سالن ڪانپوءِ به ڪيس پڇڻ
جي ضرورت ڪانه پيئي آهي. جنهن هو انتريامي آهي
۽ ڄاڻي ٿو ته هن سنڌس انتظار ڪيو آهي ۽ سنڌس
زندگيءَ ۾ نه ڪو ٻيو مرد آيو آهي ۽ نه ئي ڪا ٻي
محبت آئي آهي.

سنيل جي چپن جي چميءَ واري خيال وچان هن جا
انگ ٻرڻ ۽ ڏڪڻ لڳا. "اهو وشواس ئي صرف ان ڪري
آهي ته سنيل کي پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪا جڳهه، جنهن
به عورت کي ڏيڻي هئي، سا هن سون کي ڏني آهي يا
صرف ان ڪري ئي سنيل پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ مون کي
ڪابه جڳهه ڪانه ڏني آهي."


Scanned with CamScanner

”سنيل؟“

”ها، ڪامني“

”هيترا سال.... هيترا سال تو هان ڪڏهن منهنجو حال نه پڇيو.“

ڪامنيءَ جو صبر جيڪو هيترا سال پريو بيٺو هو، اهو ڇڄي سنيل جي ڇاتيءَ سان ٽڪي پيو، هوءَ سنيل جي ڇاتيءَ تي ڪنڌ رکي رڙيون ڪرڻ لڳي.... ”هيترن سالن ۾ ڪجهه به نه سکيو آهي.... اهو به نه ٿي سگهي ها ته ڪو ٻيو مرد منهنجيءَ زندگيءَ ۾ هليو اچي ها....“

سنيل ڪجهه به نه چيو، صرف نريءَ سان ڪامنيءَ جا ڳوڙها اگهي، کيس پنهنجي ٻانهن ۾ ڀري سندس چپ ۽ چهرو چمڻ شروع ڪيو....

”مون کي خط ڇو نه لکيئه؟“

”سوچيندو هوس ته تو وٽ اينداس پر ڪم ايترو ته وڌيڪ هو جو فرصت ئي نه ملندي هئي ۽ هتاجي به گذر ڪري ويو....“

”ماڏاجي ڪٿي آهي؟“

”مون سان گڏ آئي آهي، هوءَ پنهنجيءَ ڀاڻيءَ وٽ ٽڪيل آهي، اتي جڳهه گهٽ هئي ان ڪري مان هوٽل ۾ ئي رهي پيس.“

”شادي ڪيئه؟“

”نه.“

”ڇو؟“

”دل نٿي مڃي.“

ڪامني چپ ٿي ويئي، هن جيڪي به سوال ڪيا هئا، ڪيس نه وڻيا هئا. ڪيس ائين لڳو، ڄڻ جيڪا به ڳالهه پڇي رهي آهي ڇڻ دست اندازي ڪري رهي آهي.

”رات ٿي ويئي آهي، مان وڃان؟“ ڪجهه دير کان پوءِ ڪامنيءَ چيو.

”هل، مان توکي گهر تائين ڇڏي اچان.... هو اتي ڪڙو ٿيو. رستي ۾ سنيل صرف ايترو ٻڌايو ته هو هتي صرف ٻه ڏينهن ڏي رهندو ۽ صبح جو ڪيس ٽيليفون ڪندو. گهر وٽ پهچي ڪامنيءَ سنيل کي اندر اچڻ لاءِ چيو پر سنيل چيو، ”اڄ نه. سڀاڻي ايندس.“

هو واپس هليو ويو. ڪامني پنهنجي ڪمري ۾ اچي جڏهن ڪپڙا بدلائڻ لاءِ باٿ روم ۾ ويئي ته اندر وڏي آئيني ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏٺائين.... ڇڻ خود کي سڃاڻي نه پئي سگهي. رات وارا ڪپڙا سنديس هٿن ۾ هئا. ائين ڪيتري دير اهي ڪپڙا جهليو آئيني ۾ پاڻ کي ڏسندي رهي.

ڪپڙا بدلائي رنڌڻي ۾ آئي، روٽي ڏاهيائين، پتاجيءَ کي کارايائين ۽ جيتري ٿي سگهيس، پاڻ به کاڌائين. مالهيءَ کان گيٽ جو تالو لڳرائي، پتاجيءَ جي مٿن

ڪان پاڻيءَ جو گلاس رکيائين. هوءَ هڪ هڪ ڪم ائين ڪري رهي هئي جئن ڪنهن ڪان فارغ ٿي، اڄ وارا پنا هڪوار وري پڙهي ۽ سمجهي سگهي، جيڪي هوءَ اڃا تائين ڪانه سمجهي سگهي هئي.

ڪامنيءَ پنهنجي ڪمري ۾ اچي، پنهنجي بستري تي ويهي، هڪ هٿ سان ڪمري واري بتي وسائي، ۽ ٻئي هٿ سان پنهنجي سوچ جي بتي ٻاري ڇڏي.

"مان ڪيس ياد هونديس.... تڏهن ئي ته مون سان ملڻ آيو آهي.... هن مون کان گذريل سالن جي ڪابه ڳالهه ڪانه پڇي آهي.... هن کي وشواس هوندو تنهن ڪري ته چپ چاپ مون کي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو هئائين."

ڪامنيءَ جي چپن تي سنيل جي چپن جو ڇهاءُ ٻرڻ لڳو. هن هڪ هڪ ڇهاءُ کي، هڪ هڪ پل کي ۽ هڪ هڪ ذڪٽيءَ کي ائين سلڻ شروع ڪيو ڄڻ اهي سڀ ڇهاءُ، پل ۽ ذڪٽيون ڪنهن ڀاشا جا شبد هئا. جن کي هوءَ بار بار پڙهي سندن ارٿ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

ارٿ ملڻا ٿئي پر اهي ايترو گهرا نٿي ويا. ڪامنيءَ چاهيو ته اهي ارٿ ايترو ته اونها وڃن جو سندس خيالن جي بلڪل هيٺين تهن کي وڃي ڇهن. پر هو ايترو ته وڏا ٿي وڃن جو سندس عمر کي وچن لڳن. هوءَ

۽ پوءِ سنيل جو آواز آيو....

”مان ڪامني آهيان.“

”ها، ڪامني. مان اڃا هاڻ سمهي اٿيو آهيان!
سوچي ئي رهيو هوس ته توکي فون ڪريان.“

”مان گهر مان نه، آفيس مان ڳالهائي رهي آهيان.“

”مان پنجين بجي ايندس.“

ان بعد ڪامنيءَ پنهنجو سڄو ڌيان ڪم ۾ لڳائي
ڇڏيو. ڪم ڪندي ڪندي ڪيترائي دفعا ڪيس ائين
لڳو ڄڻ شام ٿي ويئي آهي. پر هن جڏهن به واچ طرف
ڏٺو، شام ڪافي پري هئي.

آخر پنج به وڳا، سنيل به آيو. هوءَ اٿي کڙي ٿي.
سنيل ۽ ڪامني جڏهن هوٽل جي گيٽ وٽ آيا ته سنيل
ڏٺو اٿي سندس ماءُ بيٺي هئي.

”تو چيو، صبح جو ايندين، نه آئين ته خيال ٿي
پيو. هتي سرٽيءَ مان گڏ خريداري ڪرڻ آئي هئس،
سوچيم توکي ڏسندي وڃان.“

”سرٽي ڪٿي آهي؟“ سنيل پڇيو.

”سامهون واري دڪان تي ڪپڙا سبائڻ ويئي آهي.
چڱو مان وڃان ٿي.... بس توکي ڏسڻ آئي هئس.“

”هلو، ممي هلو. چانهه پي وڃجو.“

”نه، دير ٿي ويندي. هوءَ به اڄايو انتظار ڪندي.“

”ٻه منٽ نه لڳندا آهين. هلو....“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”سنبل ڪمري جي چابي ماءُ کي ڏيئي ڇڏي ۽ خود چانهه جو آرڊر ڏيڻ ويو.

ماءُ ڪمري وٽ پهچي چابي ڪامنيءَ کي ڏيندي چيو، ”کول ڌيءَ“ ڪامنيءَ دروازو کوليو ۽ ڪرسيءَ تي رکيل شيون ٻيءَ جڳهه رکي ڪرسي خالي ڪري ڇڏي.

”نون ويهه ڌيءَ.“

”توهان ويهو... آرام سان ويهو. هڪ پل لاءِ چڻ پنهنجي کي خبر ڪانه هئي ته ڪير ڪنهن جو مهمان آهي.

ماءُ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ميز تي اخبارون پيئون هيون. ڪامنيءَ ميز تي رکيل اخبارون ڪٺي چانهه رکڻ لاءِ جڳهه ٺاهي. ماءُ چتائي ڪامنيءَ طرف ڏٺو ۽ پڇيو ”ڌيءَ، تون ڇا هتي دهليءَ ۾ ئي رهندي آهين؟“

”ها. هتي مان ۽ سنبل گڏ ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين. ڪاليج جي پڙهائي ختم ٿيڻ بعد سنبل ڪلڪتي هليو ويو ۽ وري ڪالهه ئي مليو آهي.“

”مان ته هن ڇوڪري کان هارائي ويٺي آهيان.“

”ڇو؟“

”شادي ئي نٿو ڪري. ڪيترا دفعا سمجهندو رهيو آهي، ڪالهيون پڪيون به ٿينديون آهن. پاڻ ڇوڪري ڏسي پسند به ڪندو آهي پر پوءِ اوچتو ئي ناڪار

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ڇڏيندو آهي.“

ڪامنيءَ هڪ نظر سان ماءُ طرف ڏٺو. پر چپ رهي.

سنيل ڪمري ۾ اچي ويو هو. ماءُ به وڌيڪ ڪجهه نه چيو. سنيل جي پٺيان هوٽل جو بيرو هو. هن چانهه جي ٽري ميز تي رکي ڇڏي. ڪامنيءَ چانهه جو پيالو ڀريو ۽ ماءُ کي ڏيئي باقي چانهه ٻن پيالن ۾ اوتڻ لڳي.

”صبح جو ايندين؟ ٿوري دير لاءِ ٿي اچجان. ضرور اچجانءِ نه ته مون کي سٺو نٿو لڳي.“ ماءُ چانهه پيئندي چيو.

”چڱو.“

چانهه پي ماءُ اٿي کڙي ٿي.

”مان ڇڏي اچانو؟“ سنيل پڇيو.

”مون کي ڪهڙو پري وڃڻو آهي، توهان ويهو. مان پاڻيهي هلي ٿي وڃان.“

ماءُ جي وڃڻ بعد ڪامنيءَ سنيل طرف ڏٺو، ”توهان جي ماءُ ڏاڍي سٺي آهي، ماڻهن جون ماڻرون اهڙيون ڪانه ٿينديون آهن.“

”اڇا...!“ سنيل کلي ويٺو. کلنديئي چيائين، ”منهنجي ڏکا شڪايت ڪيائين، ڇا؟“

”ها، ڪيائين“ ڪامني به کلي ويٺي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنيل وڌيڪ ڪجهه به نه پڇيو، ان ڪري ڪامني به چپ رهي. سنيل هٿ وارو پيالو ميز تي رکي ڪمري وارو دروازو ٻيڪڙي ڇڏيو.

ڪامني گذريل عرصي ۾ ڪيترائي ڪتاب پڙهيا هئا ۽ اهي ڪردار ڏسندي شهر جي ماڻهن کان وڌيڪ واقف ٿي ويا هئس. سنيل کي به هن ڪيترن سالن کان ڪانه ڏٺو هو، ڪانه ڄاتو هو، ان ڪري هن جي ياد به کيس ڪتاب جي ڪردار وانگر ايندي هئي. اڄ سنيل کي پنهنجي ويجهو ۽ سامهون ڏسندي کيس ائين لڳو ڄڻ هوءَ ڪا ڪهاڻي پڙهي رهي آهي. هن ائين ڇتائي ڏٺو ڄڻ ڌڙڪندڙ دل سان پڙهندي پڙهندي ائين سوچڻ لڳي ته هاڻ اڳتي ڇا ٿيندو.

سنيل ڪامنيءَ وٽ اچي کيس پنهنجين ٻانهن ۾ ڀري ڇڏيو. ڪامنيءَ جو سڄو بدن سنيل سان سيٽجي ويو. هن ڇرڪ ڀري ڏانهس ڏٺو. سنيل جي چپن جا ساهه مندس چپن کي ڇهي رهيا هئا پر ڪامنيءَ کي ائين لڳو، هن پل جي، هن ڇهاءَ جي ۽ هن ڏڪڻيءَ جي لفظن کي ڳنڍي جيڪا هن ڪهاڻي جوڙي آهي ان ڪهاڻي جو ڪو به آئيندو ڪانه آهي.

آئيندي جي ٽٽل پل وانگر هن به پنهنجو ڪنڌ سنيل جي ڇاتيءَ مٿان رکي ڇڏيو. ڪامني سنيل کي سالن کان لڳاتار پيار ڪيو آهي. شايد اهي سال ئي هن


Scanned with CamScanner

پل جي قيمت ٤٥٠ کيس لڳي نہ هئي ڇو ته هڪ پل سچو آهي ۽ ٻيا پل سڀ ڪوڙ آهن. هن جي دل چاهيو، جنهن کي ڪپڙا لاهيندو آهي، ائين هوءَ به پنهنجي عمر جي سالن کي لاهي پلنگ جي پائي وٽ رکي ڇڏي. کيس لڳو سندس عمر جي ڏاکڻي ۾ هوءَ پل هميشه لاءِ لٽڪندو رهندو!

گذريل سڄن سالن کان جڏهن هن نظر وڌي ته کيس محسوس ٿيو ته ان سڄي رستي تان هوءَ اڪيلي ڪانہ وڃي رهي هئي، ٺيڪ آهي، بلراج سندس هم-سفر ٻنهي هن سان ڪونہ هليو هو پر هو هميشه هن سان گڏ هوندو هو.... هن وٽ هوندو هو.... ۽ بلراج جو چهرو کيس ايترو ته سڄاڻپ ڀريو لڳو، ايترو ته پنهنجو لڳو جو هوءَ حيران ٿي بلراج طرف ڏسڻ لڳي.

”توکي ڇا جلدي وڃڻو آهي، ائين اٿي ويٺي آهين؟“

”هن وقت ته وڃڻو آهي.... پوءِ....“ ڪامني کان ڪجهه به نہ چيو ويو.

”ٻونکي شايد سڀالي واپس وڃڻو پوي. هن دفعي وڃي توکي چٺي لکندس.“

”چڱو.“

”سڀالي فون ڪندوسان“

## ”ڇڳو“

جيستائين ڪامني سنيل کي ڪانه ڏٺو هو، هوءَ هن دنيا، هن شهر ۾ رهندي به ڄڻ ماڙي تي رهندي هئي، جتي وهندي ڪيس هيٺ جا ماڻهو ڪافي دور نظر ايندا هئا.

هن ڏهڙي سالن کان پوءِ سنيل وري اڄ اچي مليو هو، جنهن کي زاهه ويندي ملندو آهي. ڪامني کي لڳو ڄڻ هن، ڌرتي ۾ درد جو ٻج پوکيو هو ۽ هاڻ اهو ٻج اپري آيو آهي. ان ڪري هن ڌرتي سان سنديس رشتو جڙي ويو آهي.

سنيل جڏهن سنديس ٽڏن ۽ ڏڪندڙ چپن کي پنهنجن چپن سان چميو هو تڏهن هوءَ ڏڪي ويئي هئي ۽ هن کي ائين محسوس ٿيو هو ته سنيل ڪيس ڪنهن وڏي بلڊنگ ۾ ستين ماڙي تي وٺي ويو آهي. پوءِ هن ڏٺو ته هو کيس جتي وٺي ويو آهي اتي صرف سج ئي سج آهي، صرف بادل آهن. هن جي جتي به نظر ويئي اتي صرف بادل ئي بادل ۽ سنيل جي ڪنهن به نه لٿل واري خاموشي ئي هئي.

ڪامني جي اکين ۾ بادل جي هڪ بوند اپري آئي ۽ اها بوند آهستي آهستي ڌرتي تي لهڻ لڳي.


Scanned with CamScanner

ڪامني ٽيليفون جو رسيور کڻي نمبر ملايو....

”بلراج.“

”ڪير، ڪامني؟“

”ها، بلراج. توهانکي فرصت آهي.“

”ها، ڪامني.“

”چڱو مان اچان ٿي.“

”هيڏي مهل.... هن رات جو! مان ئي ٿو اچان.“

”نه، اڄ مونکي ئي اچڻ گهرجي، بلراج.“

”ان ۾ ڪهڙو فرق آهي، ڪامني. مان اچان ٿو.“

”نه بلراج....“

بلراج ٽيليفون بند ڪري ڇڏيو. ڪامني وڏيڪ ڪجهه به چئي نه سگهي. ڪمري ۾ بتي ٻري رهي هئي اها روشني کيس تلخيءَ وانگر لڳي. هن بتي وسائي ڇڏي. ڪيتري دير نرم اونده ۾ ويٺي رهي. پوءِ هڪ موم بتي جلائي ان جي لاٽ ڏانهن ڏسندي رهي. هن جو چهرو موم بتي مثل جهڪيل هو ۽ هر ساهه سان گڏ اها لاٽ ڏڪڻ لڳي هئي. ڪامني دل ۾ چيو، سندس من ۾ جلندڙ موم بتي جي لاٽ هن لاٽ کان وڏيڪ ڪنبي رهي آهي.

بلراج اچي آهستي دروازو کوليو ته سندس ڪڇندڙ ساهه ڪامني جي ساهه سان اچي گڏيو.

بلراج ڪمري ۾ ايندي هن طرف ڏٺو. کيس لڳو،

soorihsindhiadab

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪمري ۾ هڪ نه پر ٻه سوم بتيون جلي رهيون آهن.

هن اُڪيتي وڏي ڪامني کي پنهنجين ٻانهن ۾ قابو ڪري ڇڏيو ۽ ڪامني ٻلراج جي ڪلهي تي پنهنجو ڪنڌ رکي ڇڏيو.

"ٻلراج!"

"مون کي خبر آهي ڪامني."

"پر، ڪيئن؟"

"مون اڄ کان اڳ ڪڏهن به تنهنجو هٿ ڪانه ڇهيو هو. اڄ به جيڪڏهن مونکي خبر نه هجي ها.... نه پنهنجين ٻانهن کي اهڙي اجازت نه ڏيان ها."

"پر ڪيئن، ٻلراج؟"

"مان جڏهن ڪمري ۾ آيس ته ڏٺم. اتي هڪ نه پر ٻه موم بتيون جلي رهيون آهن. تون به موم بتيءَ وانگر ڳري رهي هئينءَ. تنهنجي مک جي روشني ۾ مون پنهنجو چهرو سڃاڻي ورتو هو."

"پر، ٻلراج!"

"اڄ کان اڳ، مون جڏهن به تنهنجي چهري طرف ڏٺو آهي، مون کي لڳندو هو ته توکي، سنيل جو انتظار هو. ان ڪري مون قدم به ان راهه تي ڪونه وڌايو...."

"مون توکي ٻڌايو هو."

"۽ مون توکي چيو هو ته ساڻس گڏ ضرور وڃجان."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”تو ائين ڇو چيو هو، بلراج. تو ڇا ائين پئي چاهيو ته تنهنجي زندگي مان هميشه هميشه لاءِ هلي وڃان؟“

”توکي چيو هوم، پر الائي ڇو چيو هوم. مون کي صرف ايتري پڪ هئي ته جڏهن مان توکي اپنائي سگهندس ته هن راه تي اچي ئي پنهنجو همسفر بڻائي سگهندس.“

”پر ڪئن بلراج؟“

مونکي ڄاڻ هئي ته مان توکي سنيل کان وڌيڪ پيار ڪريان ٿو. صرف سنيل کان ئي نه پر پنهنجي هستي کان به وڌيڪ پيار ڪريان ٿو.“

”اڇا توکي خبر هئي.... ڪڏهن کان خبر هئي؟“

”جڏهن اخبار ۾ تنهنجو ڪالم پڙهيو هوم.“

”پر ان ڪالم ۾ تنهنجين تصويرن جي ساراه ڪانه هئي.“

”تو جيڪي به لکيو هو اهو ساراه کان وڌيڪ سچ هو. سچ جي روشنيءَ ۾ مون توکي سڃاڻي ورتو هو ۽ سچ جي روشنائي ۾ مون خود کي به سڃاتو هو.... مون ان ڏينهن کان پوءِ ئي....“

”ها، ان ڏينهن کان پوءِ ڇا....؟“

”ان ڏينهن کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي تنهنجي امانت سمجهڻ لڳو هئس ۽ ان کان اڳ جيڪا به غلطي ڪري



soorihsindhiadab

ويٺو هوس، ورڻي نه سگهي هئي."

"بلراج!"

"زندگي پهرين خالي خالي هئي.... انڪري مونکان غلطي ٿي ويئي هئي. ان ڏينهن ڪانپوءِ مون ان ڇوڪري سان ملڻ به ڇڏي ڏنو، جيڪا منهنجي ماڊل هئي. پوءِ منهنجي زندگي تنهنجن خيالن سان ڀرجي ويئي. ان ڪري مون ڪان ڪا به غلطي يا گستاخي ڪانه ٿي سگهي هئي."

"بلراج، مون ته...."

"اهو ضروري هو."

"پر مان...."

"پر اهو ضروري هو، ڪامني!"

"پر بلراج، اهو ڇا تون ان وقت به ڄاڻو هو، جڏهن سنيل وٽ وڃڻ لاءِ ضد ڪيو هوءِ؟"

"ها."

"تنهنجي دل ۾ ڪجهه به نه ٿيو هو؟"

"ان ڏينهن مونکي پهريون ڀيرو خبر پيئي ته درد ڇا ٿيندو آهي."

"هيءَ هڪ عجيب حادثو آهي، بلراج."

"ها."

"مون ايترو سو ڄاتو هو ته تون مونکي سٺو لڳندو هئين. مان تنهنجو قدر ڪندي هئس، بس انڪان وڌيڪ

ڪجهه به چاڻ ڪانه هئي. منهنجي دل تي ڪڏهن ڪڏهن ته
ڪيئن تنهنجو نالو اڪرجي ويو هو، اهو به سڌ ڪانه
آهي. مان سنهل سان ملڻ ويس.... سالن جا سال سندس
خيال دل ۾ سانڍي رکيو موم پر عجيب ڳالهه اها آهي
بلراج، هن جڏهن مون ڏانهن ڏٺو ۽ جڏهن هن جي چهري
جي روشني منهنجي دل مٿان پيئي ۽ مون ڏٺو، ته منهنجي
دل تي تنهنجو ئي نالو چٽيل آهي.“

بلراج جو مدت کان تمنا صبر ٽٽي پيو. هن زور
سان ڪاٺيءَ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان سٽي ڇڏيو ۽
سندس چپ ڪامنيءَ جي وارن، مٿي، ڳلن، چپن ۽ ڳردن
کي ائين چمڻ لڳا جڻ سالن کان اڃايل هئا.

”بلراج؟“

”ها.“

”هيءَ ڪيئن ٿيو؟ ڇو ٿيو؟“

”شايد ان ڪري ته سنيل تو کي اهڙن پيار نٿو ڪري
جئن ڪيس ڪرڻ جڳائي.“

”تو ڇا سنيل کي ڏٺو آهي؟“

”نه، ڏٺو ناهي پر ڪيس ڄاتو ضرور اٿم.“

”ڪيئن؟ ڪيئن ڄاتو اٿيئي؟“

”هو تمام سٺو آهي، ذهين به آهي! پر هڪ ڳالهه
۾ هو تمام ظالم آهي.“

”ڪهڙيءَ ڳالهه ۾؟“


Scanned with CamScanner

بلراج قدري جھجھڪيو. پر پوءِ چيائين، ”هو ڪنھن به، ڪنھن به خوبصورت ڇوڪريءَ کي پاڻ مٿان موهت ڪري ڇڏيندو آهي. پر پوءِ جڏهن هو محسوس ڪندو ته هن ۾ محبت واري نموُ ڪڪ پيدا ٿي ويئي آهي، تڏهن سندس پچر ڇڏي ان جي پرواهه ڪرڻ به ڇڏي ڏيندو آهي.“

”ها. مونکي سندس ساڻ، سندس باري ۾ ڪجھه اهڙو ئي چيو هو. هن جي ماڻ مونکي بيحد سٺي لڳي هئي. پر بلراج، توکي جيڪڏهن اها خبر اڳ ۾ ئي هئي ته پوءِ مونکي ڇو ڪين ٻڌايو هوءِ؟“

”مونکي ان وقت ڇا ڪجھه به چوڻ کپندو هو؟“

”ڇو؟“

”مان جيڪڏهن ان وقت ڪجھه به چوان ها ته منھنجو حسد سمجھيو وڃي ها.“

”بلراج، ڪڏهن ڪڏهن مونکي به لڳندو هو ته هو ائين ڪندو آهي. هو ائين ڇو ٿو ڪري؟“

”خبر ناهي.... شايد ننڍپڻ ۾ ڪا اهڙي ڳالھه ٿي هجيس. شايد ڪنھن من کي ڏکويو هجيس.“

”هن جي پرسان وهندي به ائين لڳندو هو، ڄڻ هو گھڻو دور ويٺو آهي. مان جنھن ڏينھن کيس ملي هئس ان رات مون کي لڳو ته مان نه صرف کيس، پر پنھنجو پاڻ ۽ دنيا جي ڪنھن به شخص کي نٿي سڃاڻان.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مون کي به نه؟“

”ان ڏينهن مان بلڪل حيران ٿي ويئي هئس پر ٻئي ڏينهن پاڻ کي سنڀالي ورتو هوم. ٻئي ڏينهن مون کي لڳو ته جيڪڏهن ڪنهن کي سڃاڻان ٿي ته اهو صرف تون آهين. تون بلراج!“

”اڇا؟....“

”اڄ حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون کي محسوس ٿيو آهي ته هيءَ ڌرتي منهنجي آهي، هي ديش منهنجو آهي، هي شهر منهنجو آهي.“

”پر ڪامني، هيءَ ڌرتي تنهنجي قابل نه آهي. هن ديش ۽ هن شهر کي تو ڏسي ٿي ورتو آهي ته ڪهڙو آهي!“

”پر جڏهن ڪنهن ديش جي هڪ به شخص سان ڪوئي پيار ڪرڻ لڳندو آهي ته ان ديش جو چهرو بدلجي ويندو آهي.“

”ها. اڄ تنهنجي مک جي روشنيءَ ۾ سچ پچ بدلجي ويو آهي....“

”شايد ڪڏهن ائين به بدلجي ويندو.... سڀني جي لاءِ بدلجي ويندو....“ ڪامنيءَ بلراج کي من ڀري ائين ڏٺو ڄڻ هڪ پل لاءِ سڄي ديش جو چهرو ننڍڙو بڻجي بلراج جي مهانڊي ۾ سمائجي ويو آهي ۽ بلراج جو چهرو وشال بڻجي سڄي ديش تي ڇانئجي ويو آهي!

---

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book